327 H/9

مون پڇيو : مرشد چيو



واسواڻي

37

संत बाबा आसूदाराम आश्रम *
शिवसखी
पुस्तकालय
एवं
वाचनालय
...पी० रोड, लखनऊ

ٻه اکر

سنت مالا جو نئون پستڪ جنوري، فبروري ۽ مارچ ١٩٩٠ جو "مون پڇيو : مرشد چيو" پرڪاش ٿئي ٿو.

روحاني راهه ۾ جگياسو جڏهن پنڌ ڪري ٿو ته دل جي اندر ڪيترائي سوال اٿن ٿا. اُهي سوال جگياسو پنهنجي گروءَ جي چرنن ۾ رکي ٿو ۽ گرو اِنهن سوالن جا جواب ڪهڙي نه سندر نموني ۾ جگياسو کي ٻڌائي ٿو!

هن پستڪ ۾ ٻه آهن سوال جواب! جگياسو، پانڊيئڙا پياري دادا کان سوال پڇن ٿا ۽ پيارو دادا ڪئن نه عجيب نموني ۾ انهن سوالن جا جواب ڏئي ٿو!

پراچين ڀارت جي آشرمن ۾ رشين جي چرنن ۾ جگياسو وهندا هئا ۽ گفتگو سوالن جوابن جي روپ ۾ ٿيندي هئي. رشي ڪين چاهيندا هئا ته اسين جگياسن جي دماغي شڪتي دٻايون. پر جگياسو سوال پڇندا هئا ۽ رشي، جي هئا سانت جا انسان، جي هئا برهم گياني، تتو درشني، پنهنجي درشن مان جگياسن جي سوالن جا جواب ڏيندا هئا.

شريمد ڀڳوت گيتا ۾ ٻه شري ڪرشن ارجن جي سوالن جا جواب ڏئي ٿو. گيتا آهي "سنواد"، گفتگو! ائين ڪين ٿو ارجن کي چوي ته "جيڪي مان توکي چوان ٿو سو تون ضرور قبول ڪر!" پر چويس ٿو :-

"هي ڳوڙهي ۾ ڳوڙهو، مون توکي سٽايو آهه گيتا گيان،
وچي ڪر تون ويچار، پوءِ ڪر ته سمجهين
جئن تون برابر، اءِ وير انسان!"

پياري دادا کان ٻه ڪيترا سوال پڇيا ويا ۽ پياري دادا سوالن جا جواب ڏنا. پر هميشه چوندو هو ته وچي اُنهن

سمرپن

گرديو

جي ڪمل قدمن ۾!

جيون ڪئن رهجي؟ ۽ پياري دادا ٻڌايو آهي تہ شريمد ڀڳوت گيتا ۾ جيون جو نقشو ڏنل آهي.

اسان جي ڀارت جو روح آهي آتما. ۽ اِن آتما بابت، روحاني جيون بابت، موت بابت ۽ موت کان پوءِ ڇا؟ اهڙن وشين تي بہ پياري دادا کان سوال پڇيا ويا آهن جن جا جواب هن پستڪ ۾ ڏنا ويا آهن.

دل جي اندر پرارٿنا آهي تہ شل هي پستڪ ڪن پياسي دلين کي ۽ تن جي صدقي هن داس کي گرديو ڏي ڇڪي ۽ اسان کي اُتساهت ڪري اُن سچي جيون لاءِ جا جيون اندروني آهي، نہ ٻاهرين، جنهن جيون جو آواز پياري دادا جي هنن اکرن ۾ ٻڌان ٿو :-

"اٿم پياس دل جي اندر : ٿيان شيام تنهنجي! توکي ملان!
تنهنجي سنگ نرمل ۾ روز رهان؛ روز کلان!
روز پنهنجي نرمل سنگ ۾ وهار،
روز ڏي پنهنجو پاڪ ديدار!
روز منهنجي جيون تي پنهنجو رنگ چاڙهہ!
اِڪ ڏينهن انجام اصل جو، نوري پاڙ!"

پونا-١، ١٦-١٧ جنوري ١٩٩٠ آتما واسواڻي
(پياري دادا جو ٢٤ مهايگيہ)

جوابن جو ويچار ڪريو. پو ۽ جئن برابر سمجھو تئن ڪريو.

هن پستڪ ۾ پياري دادا کان پڇيو ويو آهہ تہ اوهان جي جيون ۾ ڦيرو ڪئن آيو ؟ هڪ ڏاڍو Practical سوال پڇيو ويو آهي تہ پاڻ ڪي سکي ڪئن رکون؟ اَسان مان هرهڪ دکي آهي :-

"ڪوئي تن دکي، ڪوئي من دکي، ڪوئي دکي چت اُداس :
تنڪ تنڪ هرڪو دکي، سکي سو جو چيي لال هري داس!"

۽ پيارو دادا چويتو تہ جي توهين سکي ٿيڻ چاهيو تہ پنهنجي جيون نندڙن نيمن ۾ ٻڌو جنجو ذڪر بہ هن پستڪ ۾ آهي.

وري هڪ عجيب سوال پياري دادا کان پڇيو ويو آهي تہ جيون جو بنياد ڇا آهي؟ ۽ پيارو دادا ٻڌائي ٿو تہ جيون جو بنياد آهن ويچار. پنهنجي ويچارن جي سنڀال ڪريو.

۽ ويچار اُٿن ٿا من مان. اِنڪري هڪ ضروري سوال اُٿي ٿو تہ اِن من تي ضابطو ڪئن پايون؟ ۽ پيارو دادا ٻڌائي ٿو تہ اِن من تي ضابطي رکڻ لئہ ٧ ڏاڪا اُهن جن جو ذڪر پيارو دادا هن پستڪ ۾ ڪري ٿو.

پيارو دادا وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ جيون جو بنياد جي آهن ويچار تہ اُنهن ويچارن کي مٿي چاڙهڻ ۾ مدد ڪري ٿي پرارٿنا! ۽ هن پستڪ ۾ اِڪ باب آهي اِن وشيہ تي تہ پرارٿنا ڇا آهہ ؟

۽ پرارٿنا لئہ ضروري آهي سانت! پياري دادا کان ڪي سوال سانت بابت بہ پڇيا ويا آهن. ۽ ڪئن نہ پيارو دادا سانت جي مهما بابت ٻڌائي ٿو!

هڪ ضروري سوال پياري دادا کان پڇيو ويو آهي تہ سچي

(ا)

مون پڇيو : مرشد چيو

مون پڇيو :- "پرينءَ جي ڪريان ڪئن بندگي ؟"
مرشد چيو :- "ارپڻ پياري ! ڪر زندگي !"
مون پڇيو :- "قدمن ۾ ڪئن پوان قبول ؟"
مرشد چيو :- "محبوبن ڏيان رهه مشغول !"
مون پڇيو :- "ڪهڙي ڪريان مان قرباني ؟"
مرشد چيو :- "رکُ روز تون دل نماڻي !"
مون پڇيو :- "ڪئن ساجن جي ڪريان سنڀار ؟"
مرشد چيو :- "ڏي ٻين کي وجي تون پيار !"
مون پڇيو :- "ڪئن رهان تنهنجي سنگ ۾ ؟"
مرشد چيو :- "وڃي روح رنگ تون رنگ ۾ !"
مون پڇيو :- " آهي ڇا دنيا روحاني ؟"
مرشد چيو :- "آت چمڪي صورت لاثاني !"
جاڳي جاڳي نوري سا صورت ڏيايان ،
روئي روئي راتيان ، مان رانجهل ريجهايان !

وشيہ سوچي

بچو. ڪئن بچو ؟ حڪم ۾ هلو ! ڇيو نہ مڄڻ آهہ وڏي بيماري ! لوڪ پاپ جو ڇيو مڃين ٿا ، هوڏ ۾ هلن ٿا ، ايمان ۾ سُڄن ٿا ، ٿنهڪري بيمار آهن ! مان چاهيان ٿو تہ بيماريءَ مان ڇٽو ، نئين جيون وٺو ! سا جيون آهي گيان. گيان جي جيون ڪولي ، روحاني راڄ ۾ نواس ڪريو. اُت آنند آهہ : هت دڪہ آهہ. مان چاهيان ٿو تہ روحاني رحم وٺو ۽ وٺي دنيا جي قيد مان ڇٽو ، جنم مرڻ جي چڪر ڪان آزاد ٿيو. پاڻ سڃاڻو ! پنهنجو پاڻ پڇاڻي ، پريوءَ جي نرمل آنند ۾ نواس ڪريو ۽ ڪال چڪر ۾ وري نہ موٽو !

سوال :- پريوءَ ڪي ڪهڙي ڀيٽا ڏيون جا هو قبول ڪري ؟

جواب :- پريو تہ آهہ شاهن جو شاهہ ، ساريءَ سرشٽيءَ جو ڪل مالڪ ! اَسين هن اڳيان ڪيترو بہ ڌن دولت ڀيٽا رکون ، تہ بہ هن جي ڀرپوُر ڀنڊار اڳيان هڪ ڪٽو بہ ناهي. بنگلن ماڙين جي پرواهہ پريوءَ کي ڪانهي. نڪي مندر ، نڪي ٺڪاٺا ، نڪي سنگمرمر ٿو قبول ڪري ؛ نہ پاڻ پوڄائون ، نہ ٻاهريانّ ڪريا ڪرم !

سوال :- تڏهن پريوءَ کي ڇا کپي ؟ ڇا ٿو اسان ڪان منگي ؟

جواب :- پاڻ شاهن جو شاهہ ؛ تہ بہ بکاري ٿي اَسان ڪان گهري ٿو : ڇا ؟ جي نماڻا ٿي وٽس اَچن ٿا ، تن کي پريو قبول ڪري ٿو. پريو گهري ٿو نئڙت ! نئڙت ۾ سچ آهہ ؛ نئڙت ۾ سچو گيان آهہ !

سوال :- نئڙت ڇا آهي ؟

جواب :- نہ ٻاهريون ڍنگہ ، پر اندر جو رنگہ ! نہ فقط پاڻ ڏن سان ، پر ننڍن نماڻن ، غريبن ، دردرن ، سين سان هيٺائين ۽ پريم ۾ هلڻ ! اِها آهہ سچي نئڙت جي نشاني.

سوال :- پريوءَ اهڙي سرشٽي ڇو پئدا ڪئي آهي جنهن ۾

(٢)

سوال : جواب

سوال :- اوهان جي جيون ۾ هي ڦيرو ڪئن آيو ؟

جواب :- هت تپوبن ۾ آيس ، تنهن کان اڳ هڪ وڏي شهر ۾ هوس. اُت راجا جي نوڪريءَ ۾ هوس. وڏو پگهار هوم. هڪ ڏينهن پنهنجي بنگلي ۾ ويٺو هوس. ماني ويٺي کاڌم. مانيءَ تي هڪ ٻلي آئي. ٻليءَ کي مانيءَ ٽڪر ڏنم : سو کڻي ويئي ڪنهن ڪونيءَ ۾. وري آئي : وري مانيءَ ٽڪر ڏنومانس : سو کڻي ويئي. وري آئي. ائين ڪيترا دفعا ڪيائين. مون چيو :- "ڏسان ته سهين، ڇا آهي؟ ٻلي کڻي ٿي وڃي؟ ۽ وري وري ڇو پيئي موٽي؟" ٻليءَ پٺيان ويس : ڇا ڏٺم؟ اُن ڪونيءَ ۾ هڪ انڌي ٻلي هئي، جنهن کي مانيءَ جا ٽڪرا پئي کارايائين.

تڏهن منهنجو اندر ڳليو ۽ مون پاڻ کي چيو :- "جو پريو هن طرح انڌيءَ ٻليءَ کي روزي ويٺو پهچائي، سو ڇا، مون کي نه کارائيندو؟" پوءِ مون راجا جي نوڪري ڇڏي ۽ چيم پاڻ کي :- "راجائن جي راجا جو مان نوڪر ٿيندس!" شهر ڇڏي ويس تپوبن ۾، آتم جي تلاش ۾، پريوءَ جي شيوا ۾!

سوال :- اوهان جي سکيا ڇا آهه؟

جواب :- مان پريوءَ وٽان آهيان. اوهين به اُن وٽان ئي آهيو. هت ياتري ٿي آيو آهيان. اوهين به جيڪر تيرٿ واسي ٿي گذاريو، نه دنيا سان نينهن لڳايو! مان چاهيان ٿو ته ڪال ڪان

آهي :-

هري رام! هري رام! هري رام!
هري رام آهه جيون جو وسرام!

اَهڙيءَ طرح روز ڪي نه ڪي سوتر دل اَندر رکو ۽ پوءِ پنهنجي جيون ۾ ڦيرو ڏسندا. اِئين پنهنجا سڀ ڪم ڪاريون ستگر جي چرنن ۾ اَرپن ڪريو. پوءِ ڏاڍا سکي گذاريندا. اَرپن ٽيل جيون ۾ ئي سک آهه.

سوال :- جيون جو بنياد ڇا آهه؟

جواب :- ويچارن جو ڦل آهه تنهنجو هيءُ حال،
ويچارن نوَن جي ڪر هاٺي سنڀال!
پنيان بئل گاڏي جا ڦيٿا ڦرن،
ويچار نوري پنيان تو ٿا ڊوڙن!

ويچار آهن ته جيون جو بنياد؟
ويچار سچ جا ڪندا توکي آباد!
پنيان پاڇو تنهنجي نه توکي ڇڏي،
تئن نوري ٿو ويچار توکي سڏي!

ڦلاٺي مونکي تهگاريون ڏنيون.
وٺان هن ماٺهوءَ مون ماروَن مليون;
اهڙن ويچارن ۾ جو ٿو رهي،
سو نوري ٿو افسوس! دويش ۾ وهي!

نه وير سين وير ڪڏهن وڃي،
پريم سين ئي وير ٿو ڪجي!
رشين جي اصل کان اِها سکيا آهي،

دکھ تمام گهٽو آهي؟

جواب :- پريوءِ سرشٽي سکھ لاءِ پيدا ڪئي آهي. ڏسو گل ڦل، وڻ ٽڻ، سج چنڊ تارا، نديون نارا، جبل ٽڪر، سمنڊ ساگر، ڪيئن پنهنجي نظاري ۾ چمڪي رهيا آهن! ڪيئن سچي ستگر جي ساکي ڏيئي شيوا جو ڪم ڪري رهيا آهن! سرشٽي ساري سکھ جو ڀنڊار آهي. پر جڏهن کان اِنسان ذات پيدا ٿي ۽ اڇائن جي زنجيرن ۾ قابو ٿي، تڏهن کان دکھ جي دانهن اُٿي آهہ. اِڇائون گهٽائي قدرت سان گهٽو وقت گهاريو! شام جو ڏسو سج سونهارو ڪيئن پنهنجي ڏينهن جو ڪم ڪري هيٺ لهي ٿو. سرشٽيءَ جي سونهن ۾ آهہ ستگر جي ساکي. مان نہ جڏهن آسمان هيٺ رات جو سمهان تڏهن نهاريندي نهاريندي آنند ۾ ويندو آهيان. مونکي بند کوٺين ۾ مزو نہ اَچي. قدرت ڏسان، ڪنهن باغ جي ساوڪ، ڪنهن نديءَ جي ڪناري تي تہ دل پرجيو اَچي ۽ عجيب آنند جون لهرون اُٿن. قدرت سان نينهن رکو.

سوال :- پاڻ ڪي سُکي ڪيئن رکون؟

جواب :- پنهنجي جيون ننڍڙن نيمن ۾ ٻڌو. پريات جو پهرين پنهنجي پريوءَ جي پوڄا ڪريو. ڪنهن نہ ڪنهن سنت جي ٻاڻيءَ مان وچن وٺو. پوءِ پنهنجن ڪمن ۾ لڳي وڃو. پڙهڻ جو ڪم ڪريو. جن کي پڙهڻو ناهہ سي پنهنجن گهرن جو ڪم ڪن. جنهن جنهن کي جيڪو ڪم ڪرڻو هجي، اُن ۾ مشغول رهي. پنهنجو ڪم سچ جي ڌاڳي ۾ ٻڌل رکو. جئن هٿن سان ڪم ڪريو تئن روز روز ڪنهن نہ ڪنهن ست پرش جي ٻاڻيءَ جا ڪي وچن دل ۾ اُچاريندا رهو. مان روز روز اِن ساڌن ۾ رهندو آهيان. ڪيترو بہ ڪم ڪريان، پر دل ۾ ڪنهن نہ ڪنهن سندر سوُتر جو اُچارڻ ۽ ڌيان ڪريان. جئن اَڄ مون هي منتر دل ۾ وري وري پئي اُچاريو

جواب :- اهڙيءَ طرح رهہ جو روز روز هڪ ويچار، نرمل، پڪو، پوتر ويچار تنهنجي جيون کي قابو ڪري.

سوال :- اُهو ويچار ڪهڙو ؟

جواب :- اُهو اِڪ ويچار اَتيئي هي :- "رهان مان اهڙيءَ طرح جڻ تہ سڄي دنيا ۾ اِڪ پريو آهہ ۽ اِڪ منهنجو روح آهي : ٻيو ڪوئي نہ! دنيا کي وسار. ياد رکہ فقط اِڪ اِسرار، جنهنجو نالو پريو آهي".

سوال :- اسين نرمل، پوتر ڪئن ٿيون ؟

جواب :- (١) دل اندر پيارا! پياس رکہ فقط اِڪ واسطي، اِڪ پياري واسطي؛ ۽ (٢) اِها پياس اهڙي رکہ، جا هلندي هلي،. پياس رکہ سمورو وقت اِها هڪڙي. اِها پياس جي تنهنجي اندر پڪي آهہ تہ پوءِ تون پٽڪندين ڪين. جو نٽو پٽڪي، سو نرمل رهي ٿو هُميشهہ!

سوال :- سڀ ۾ سچو گيان، وڏو گيان، پرم گيان ڇا آهہ ؟

جواب :- پيارا! مون لاءِ سڀ ۾ وڏو گيان هي آهہ تہ مان پروڙيان تہ مان ڄاڻان ڪجهہ ڪين؛ ۽ اِها پروڙ پائي، نماڻو ٿي رهان. پرم گيان مون لاءِ آهہ نمرتا.

سوال :- اکيون سڀاڳيون ڪنهن جو ن آهن ؟

جواب :- سڀاڳيون اکيون سي جي ٻاهر نهارين ڪين : پر هميشهہ اَندر نهارين : رهن ڪتل اِڪ اِسرار ۾، جو وچ دل مندر پيو چمڪي!

سوال :- دوزخ آهي يا نہ ؟

جواب :- هڪ خبر مون کي آهي، جنهن جو ذڪر شري ڪرشن گيتا ۾ ڪري ٿو، جڏهن ٻڌائي ٿو تہ ٽي دروازا آهن، جن کان پري رهو. ڇو تہ اِهي ٽي دروازا آهن دوزخ جا.

پر نوُري هردي ۾ ڪير ٿو هنڊائي ؟

سوال :- اوديا ڪان پري اسين ڪئن رهون ؟

جواب :- اڪرن سان پري نٽا ٿي سگهون. سچو گرو سو جو شڪتيءَ جو ڀنڊار آهي، جو فقط اڪر نٿو اُچاري، پر پنهنجي آتمڪ ٻل سان شش جي اَوديا پري ٿو ڪري. ٻلوان طاقت وارا هئا رشي : سچا گرو هئا رشي. اُنهنجي اندر مان اِڪ طاقت، اِڪ شڪتي پئي نڪتي، جنهنڪري ششن جي اوديا دوُر پئي ٿي.

سوال :- آتما ڇا آهي ؟ سرير ڇا آهي ؟

جواب :- سرير ڪان اڳ ۾ بهآتما هو. سرير ڪان پوءِ به آتما زنده رهي ٿو. سرير هڪ پڃرو آهي. اِن پڃري ۾ اڇي آتما بند ٿئي ٿو. تنهنڪري پنهنجو اندر پوريءَ طرح نٿو کولي. پکيئڙو آهين تون، اي آتما ! پڃري ۾ بند آهين. ڪڏهن پر کولي تون آزاديءَ ۾ اُڏامندين ؟ ڪڏهن ؟ ڪڏهن ؟

سرير کي پوريءَ طرح ناهين، سرير تي پورو ظابطو رکين ته جيڪرُ پنهنجي روحاني شڪتي بهتر کولي سگهين. بيشڪ پيارا ! هن پکيءَ کي راڳ اٿيئي ڳائڻو، روحاني راڳ : سو راڳ هن سرير ۾ آتما ٿي ڳائي. تنهنڪري پاڻ کي نرمل رکو !

رشين کهڙي نه پوتر سکيا ڏني ! سرير آهي پريوءَ جو مندر. پکيئڙو، آتما جو پکيئڙو، اِن مندر ۾ کهڙو نه مٺو راڳ جيڪر ڳائي، فقط جي تون پاڻ کي نرمل رکين، سرير کي پوتر رکين. هينئر افسوس ! ناهه نوهه ۾ پورو آهين ! ناهه نوهه ڦٽو ڪر ! دل اندر هڪ ويچار رک، هڪ ڀاونا ته پوتر ٿي، پاڪ ٿي، تون پريوءَ جو راڳ ڳائين ۽ پنهنجي جيون تيار ڪرين اُن مسافريءَ واسطي، جنهن کي تون وساري ويٺو آهين.

سوال :- هن دنيا ۾ اڇي اسين ڪئن رهون ؟

مليو ڪين تن کي تہ رستو سڌو !
آتم جي بابت جوئي تو ڳالهائي،
سياڻو سو بيشڪ تہ آهي !
اُن ڪان سياڻو جو آتم پروڙي،
ويهي سانت ۾ تپسيا جي ڪُوري !
پر سين ۾ سياڻو گرو جو تو ڳولي،
۽ ابياس ڪري، جيئن گرو اُن کي ٻولي !
گرو ڪرپا ۾ ئي روح کي رچي ٿو،
اِڪ ڏينهن اندر پنهنجي اچي ٿو !
پسي آتم اندر، سين ۾ پسي،
هرهنڌ نوري واسديو وَسي !

سوال :- جڏهن اندر صاف، نرمل ٿو ٿئي، تڏهن ڇا ٿو ملي ؟

جواب :- چار پدارٿ ملن ٿا :-

(١) چت شانتي ؛
(٢) پرڪاش : اِندرين ۾ اچي گيان ٿو چمڪي ؛
(٣) ساتوڪ ڪرم ؛ ۽
(٤) دل جي ڪمل گل ۾ جوت.

سوال :- اهڙو اِنسان ڪئن ٿو هلي ؟ روز بروز جو وهنوار ڪئن ٿو ڪري ؟

جواب :- جيئن ٻار ! سچو گياني هڪ ٻار آهي. روشني۽ ۾ رهي ٿو ۽ پيار ۾ نئون ٿئي ٿو. دنيا جي مان شان، موهہ وڏائي۽ جا وستر لاهي ٿو ۽ پريو۽ جي دربار ۾ ٻالڪ ٿي اچيٿو.

سوال :- روحاني راڄ ۾ ڪير ٿو اچي ؟

جواب :- جو هن جنم ۾ ئي ٻيو جنم ٿو وٺي.

سوال :- اِهي ٽي دروازا ڪهڙا ؟

جواب :- پهريون دروازو آهي 'ڪام '؛ ٻيو دروازو آهه 'ڪروڌ'؛ ۽ ٽيون دروازو آهه 'لوڀ '. ٽيئي زبردست وڪار آهن. هڪ هڪ ڪيڏا نہ پاپ ڪرائي ٿو! ڪام جي وس چڙهي اِنسان ڪيترا نہ خون ڪيا آهن! ڪاوڙ ۾ چڙهي ماتائن پنهنجن ٻالڪن کي باهہ ۾ قتو ڪيو آهہ ۽ لوڀ جي وس ٿي ملڪن ڪيڏا نہ تڪرار ڪيا آهن! اَڄ ڪلهہ اِهو لوڀ طاقت لاءِ آهہ. اِن ڪان پري رهو!

سوال :- سچو سک ڪٿي آهہ ؟

جواب :- سچو سک آهہ پياري جي چرنن ۾! بهار هجي يا سياري جو سيءُ هجي، سچو سک تڏهن ملي جڏهن اسين رهون پنهنجي پياري جي روبرو!

سوال :- لوڪن ۾ راجا ڪير آهي ؟

جواب :- پيارا! سچو راجا تہ سو آهي، جنهن پاڻ تي فتح پاتي آهہ. لوڪن اڳيان ڪري نوڪر هجي، پر سچ پچ اهڙو اِنسان آهہ شاهن جو شاهہ!

سوال :- مان سهاڳڻ ڪئن ٿيان ؟

جواب :- ڏينهن شروع ڪر نام سان. ننڊ مان اُٿي پهريون اکر چئہ 'نام '، 'رام ' يا 'شيام '! ڏينهن پورو ٿئي، رات جو ننڊ ڪرڻ وڃين، ان وقت بہ 'نام ' کي ياد ڪر. پريوءَ جو نالو، دل اندر اُچاري پوءِ سمهہ. بس! ڏينهن شروع ڪر 'نام ' سان، ڏينهن پورو ڪر 'نام ' سان تہ بيشڪ تون سياڳي، تون سهاڳڻ!

سوال :- پريو ڪئن ملي ؟

جواب :- ٻڌڻ سان تہ آتم نہ ٿو اُن ملي؛
ٻڌي ڪين اندر جو دوارو کلي!
هزارن لکن آهہ آتم ٻڌو،

جواب :- گر ڪرپا.

سوال :- گر ڪرپا ڪيئن ملي ؟

جواب :- جڏهن پياس وڌي !

سوال :- ست پرک، سچي گروءَ جي خبر ڪيئن پوي ؟

جواب :- اندر جي اَنيوَ مان.

سوال :- شيوا ڪافي ڪين آهه ؟

جواب :- سچي شيوا سا جنهن ۾ قل اِڇا ناهه ۽ ايمان ناهه! اڄ ڪلهه جي شيوا ۾ اڪثر "مان مان" جو ڏنگ آهه. سچي شيوا بہ ملي ڪن سياڻن ڪي. ست پرک، سچي گروءَ جي سنگ ۾، من جو مان، ايمان مٽجي ٿو ۽ سچي شيوا جو سبق سکجي ٿو.

سوال :- گرو ڇو نہ اَسانجي تلاش ۾ اچي ؟

جواب :- گرو بہ اسانجي تلاش ۾ آهه. جڏهن اُٿي پوري پياس، تڏهن گرو تيري پاس !

سوال :- روحاني دنيا جو مکيہ پيغام ڇا آهه ؟

جواب :- پيار ڏيو ! سڀن ماڻهن کي پيار ! غريبن دکين کي پيار ! پسن پکين کي پيار !

سوال :- ڌرم ڇا آهه ؟

جواب :- ڌرم آهي زندگي. ڌرم ٻاهرين ڳالهين ۾ ناهي، نکي پاٺ پوڄائون ڪرڻ، نکي ورت روزا رکڻ آهه ڌرم. نکي گهر ٻار ڇڏي وڃڻ آهه ڌرم ڪمائڻ.

سوال :- تڏهن ڌرم ڇا آهي ؟

جواب :- ڪيترا نہ معاملا ڌرم جي نالي ۾ ٿين ٿا ! هڪ چوي تہ منهنجو ڌرم وڏو، منهنجو پنٿ اوچ، تنهنجو گهٽ ! پوءِ تڪرار ٿين ٿا. اِهو ڌرم نہ آهه؛ ڌرم آهہ سچي زندگي، نرمل جيون. سو سياڻو، جو نہ ڇپن سان پر پنهنجي جيون سان، نہ

سوال :- ٻيو جنم ڇا آهي ؟ ۽ پهريون جنم ڇا آهي ؟

جواب :- پهريون جنم آهي ماتا جي گرڀ ۾ : ٻيو جنم گيان ۾ جو گيان وٺي ٿو سو ٻيو جنم وٺي ٿو.

سوال :- روحاني زندگيءَ جي ڄجهارت ڇا آهي ؟

جواب :- پنهنجو پاڻ وسارڻ !

سوال :- جو پاڻ ٿو وساري تنهن کي ڇا ٿو ملي ؟

جواب :- اُن کي ساکيات سوَروُپ ملي ٿو ، نج روپ جو درشن !

سوال :- ڪيئن ملي ؟

جواب :- نئڙت ۽ قرب ۾ شيوا ڪريو ۽ گر ڪرپا وٺو !

سوال :- سنسار ڇڏي وڃون ڇا ؟

جواب :- نہ ! سنسار ۾ رهو ، فرض پالن ڪريو ، پر سنساري نہ ٿيو. ڪم ڪريو ، پر هيءَ سمجهہ رکو تہ سرير ياترا ڪرڻي آهي ، موهہ ۾ نہ اڙو. تيرٿ واسي ٿي رهو ۽ ٻين جي مثال مان سکو !

سوال :- پرارٿنا ڇا آهي ؟

جواب :- پرارٿنا اکر ڪين آهن ، هڪ ٻي شيءِ. اکر آهن جيئن سئي. فقط سئيءَ سان ڪپڙو ويهي سِبُ : ڇا ٿيندو ؟ جي سڳو نہ اٽيئي تہ سئيءَ جا ڪڻ سڀ اَجايا. پرارٿنا سا ئي قبول آهہ جنهن ۾ پيار آهہ ; پيار جو ڏاڍو وجهہ اکرن ۾ تہ قبول پوين قدمن ۾ !

سوال :- پيار ڇا آهہ ؟

جواب :- سچو پيار پنهنجو سک نٿو چاهي ، پر ٻين جي سک ۾ پنهنجو سک ٿو سمجهي. سچي پيار جي پرک اِتي آهہ ، تہ ٻين کي سکي ڏسي خوش ٿجي !

سوال :- سڀ کان سهڄ ، سولو رستو پرم پد پراپت ڪرڻ جو ڪهڙو آهہ ؟

سنگ ڪمائڻ آهي وئراڳ ڪمائڻ: سنگ ۾ اَسنگ، ڪرم ڪرڻ پر
رم ڦل اِڇا ڦٽي ڪرڻ. سرير جي ياترا ته اوس ڪرڻي آهي. سنگ
اَسنگ آهي وئراڳ. وئراڳ آهي هيءُ پروڙ ته سنسار ۾ سڀ فاني
ـ، اَنتيه آهي!

اڪرن ۾ پر زندگيءَ جي زبان سان ڏئي ٿو ڌرم جي ساکي! سچ، شيوا، سادگي، نمرتا ۽ پرارٿنا ۾ جو جيون ٿو لڳائي، سو ٿو ڌرم ڪمائي. جو پنهنجا فرض پالن ڪري ۽ نرموهي ٿي رهي، سو سڀاڳو سچي ڌرم جي پرم شانتي ٿو پائي!

سوال :- ڪئن پڳوان کي ياد ڪريون؟ ڀڳوان ڪٿي آهي؟ ڀڳوان اَسين ڪئن ڏسي سگهون؟

جواب :- (۱) روز صبوح جو سويل اُٿي، هٿ منهن ڌوئي هڪ هڪ پريوءَ کي پرارٿنا ڪري! هيءَ پرارٿنا :-

" تون ماتا پتا، اَسين ٻالڪ تنهجا،
آنءَ ٻالڪ تنهجو، ڪين ويچار اوگڻ منهجا!
ڪم ڪار ساري ۾ رکان سچ جي ساکي؛
هلان اُن رستي جا سنتن آهي آکي.

(۲) پرارٿنا ڪري پوءِ ڪم ڪريو.

(۳) پريو هرهنڌ، هر چيز ۾ آهي. پر ڏسون ڪيئن؟ (۱) جڏهن سچ جا سنتان ٿيون؛ (۲) سڀن کي پيار ڏيون؛ ۽ (۳) قدرت ۾ ڪجهہ وقت گذاريون. ڏسو! باغ، گل، ڦل، آسمان جو اِسرار ڪيئن نہ رنگن سان ڇانيو پيو آهي! ڪيئن نہ سج، چنڊ، تارا، پوري وقت تي ٿا نڪرن ۽ چمڪن! عجب آهہ سرشٽيءَ جو اِسرار! جبل، ٽڪر، نديون، تارا ڪيئن نہ ٿا چمڪن! سرشٽيءَ سان سنبنڌ رکو! سرشٽيءَ اڳيان سر جهڪايو، قدرت جي آسيس پايو!

سوال :- پريوءَ لاءِ پيار : اُنجو پهريون قدم ڪهڙو آهہ؟

جواب :- پهريون قدم آهي وئراڳ. اُن جو مطلب اِهو نہ آهہ تہ دنيا ڇڏيو! گهر بار ڇڏي وڃي بن ۾ يا پهاڙن تي وهو. جيو هت آيو آهہ پرڪرتيءَ جي سنگ ۾. جيو ديهہ ۾ آهہ، ديهہ جي سنگ ۾. سرير جو سنبنڌ تہ اوس آهہ: پر اِنهيءَ سنبنڌ، اِنهيءَ سنگ ۾

ءَ کي پوري ضابطي ۾ رکڻ گهرجي. سرير کي سختيون ڏيندو
و. هن پياري بابت ڪيترين ئي ڳالهين لکيل آهن تہ ڪيئن نہ
ن پنهنجي اِندرين تي ضابطو رکيو. هن پياري جا ٽي مکيہ نيم
ا :- (١) پهريون سرير تي ضابطو ؛ (٢) پيار ، سيني کي پيار ؛
(٣) ٽيون هر حالت ۾ خوش رهندو هو.

(٢) جڏهن اِندرين تي ضابطو ٿئي ٿو ، ۽ من جا ٻاهريان
وار بند ٿا ٿين، تڏهن من اندر وڃي ٿو هردي ۾: هردي ۾ پاڻ
ي استاپن ڪري ٿو. ۽ هيءُ چنچل من جنهن هردي ۾ وڃي ٿو
واس ڪري ٿو تہ ڪيس آنند ملي ٿو. تڏهن ٻيو ڏاڪو آهي من جو
ردي ۾ نواس ڪرڻ.

(٣) جڏهن هيءُ من هردي ۾ نواس ڪري ٿو تہ پران مٿي
ڙهڻ شروع ڪن ٿا. اِهو آهي ٽيون ڏاڪو. اسان جا پران اڪثر
يٺ پيا وڃن،- اِندريہ ڀوڳہ ۾، وڪارن ۾. پر جنهن جو من هرديہ
وڃي استر ٿئي ٿو ، اُن جا پران مٿي ٿا چڙهن. مٿي اُهي پران
ٿي ٿا وڃن؟ اُهي پران مٿي وڃي نواس ڪن ٿا "ترڪٽيءَ" ۾.
ءُ من جو ڀٽڪڻ بند ٿو ٿئي.

(۴) پران وڌيڪ وڌيڪ استر ٿين ٿا تہ اهڙو پيارو آهستي
ستي "شبد" سڻي ٿو. "اناهت شبد" ٻڌي ٿو. "اناهت شبد" معني
هو شبد جو پاڻيهي پيو وڄي." اهڙو پيارو مرلي موهن جي
ر ٻڌي ٿو ۽ مستيءَ ۾ اچي وڃي ٿو.

(۵) "اناهت شبد" ٻڌڻ سان ڪو روحاني مسافري پوري نٿي
ي. هيءُ من وڃيٿو وڌيڪ وڌيڪ "انترمکي" ٿيندو. وڃي ٿو اندر
ما جو سنگ ڪري.

(٦) پوءِ اچي ٿو ڇهون ڏاڪو. هن ڏاڪي تي جيو آتم ديس
رهواسي ٿئي ٿو. پوءِ "جيو" برهم جي آنند ۾ نواس ڪري ٿو.

(٣)

من تي ضابطو ڪئن اچي؟

سوال :- هي من باندر وري وري پيو ڊوڙون پائي : اِن مر
تي ضابطو ڪئن رکجي ؟

جواب :- ست ڏاڪا آهن، جي توکي سمجهڻا آهن : پو
توکي پروڙ پوندي تہ من کي ڪيئن قبضي ۾ آڻجي!"

سوال :- سي ڪهڙا ؟

جواب :- (١) پهريون ڏاڪو آهي اِندرين تي ضابطو
اِندريوُن آهن من جا دروازا. اُنهن دروازن کي بند ڪرڻو آهي
ضابطي ۾ رکڻو آهي. جي اِندريوُن ضابطي ۾ رهيون، تہ من کي
ڀٽڪڻ جو رستو ملندو ڪين. مانسڪ شڪتي جڏهن ڀٽڪي نٿي
تڏهن مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ٿي ڪري."

هڪ سنت بابت لکيل آهي جڏهن نوجوان هو تڏهن عيش
عشرت ۾ گذاريندو هو ۽ سنسار جي پدارٿن ۾ لمپٽ هو. هڪ ڏينه
ٻڌي ٿو اندر جو آواز. بس! سڀ ڪجھ تياڳ ڪري ٿو : چوي ٿو
"مان پنهنجي گروءَ جي راهہ هلندس." هيءَ پيارو غريبيءَ ۾ رهـ
ٿو. چوي ٿو تہ "مان شادي ڪندس غريبيءَ سان." هيءَ پيار
سادگيءَ جي جيون رهي ٿو. پنهنجي سرير کي هميشہ "گڏه
ياءُ" ڪري ڪوٺيندو هو. هن پياري پنهنجي سڄي جيون غريبيءَ
گذاري. ويندو هو، وڃي روٽيءَ جا ٽڪر پنندو هو. چوندو هو :
"بچيل روٽيءَ جا ٽڪر هن فقير کي ڏيو." چوندو هو تہ "گڏه

(۴)

پرارٿنا ڇا آهي؟

سوال :- پرارٿنا ڇا آهي ؟

جواب :- سانت ۾ پريات جو يا نماشام جو يا رات جو اوندهہ جي پردي ۾، اوچتو ئي اوچتو منهنجون اکيون آليون ٿين، اکين مان لڙڪ وهن، بوندون بس نہ ڪن! ڇو ؟ اکيون ڪلن اَباٽن ڏي! اکيون سڏڪا پرين سڪ ۾، سڄڻ جي ياد ۾! اوهان پڇيو سوال تہ پرارٿنا ڇا آهي ؟ پرارٿنا آهي من ۽ دل ڪان مٿي چڙهڻ ۽ چڙهي چڙهي وڃي پريوءَ جي چرنن ۾ وهڻ! ويهي نهارڻ پياس ۾، اُڪير ۾!

ڪي ٿورا آهن جي اهڙي پرارٿنا ڪن ٿا ۽ پنهنجو من ۽ هردو چاڙهي، چاڙهي، پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾ رکن ٿا ۽ چرنن ۾ ويهي سائينءَ جي ڪمل مکڙي ڏي نهارين ٿا ; نهاري نهاري پنهنجي روح کي امرت جل پيئارين ٿا! اسان مان گهٽا تہ ڇڪڻ ۾ ڪِريا پيا آهن. ڪي ٿورا آهن جن جي زندگي پرارٿنا آهي. پرارٿنا فلاسافي ڪونهي ; نڪي ڪتابن مان سکي سگهجي ٿي. پرارٿنا بابت ڪجھ پروڙ پائڻ هڪڙي ڳالهہ آهي ; پر پرارٿنا جو اِنسان ٿيڻ ٻي ڳالهہ آهي. پرارٿنا جو اِنسان سو آهہ جنهنجي جيون، جنهنجو ڪم ڪار سائينءَ جي چرنن ۾ بَدَل آهي. اهڙي اِنسان جا ويچار ئي پرارٿنا آهن.

هڪ نگر ۾ هڪ اهڙي اِنسان جو درشن مون کي نصيب ٿيو.

(٧) پوءِ ڪي آتمائون چاهين ٿيون تہ سدائين اُن برهم لوڪ ۾ نواس ڪريون ۽ موٽي هن پرٿويءَ تي نہ اچون. پر ڪي آتمائون آهن جي چون ٿيون تہ "اسان کي مڪتي کپي ڪين، اسان کي برهم لوڪ بہ کپي ڪين." اُهي آتمائون چاهين ٿيون تہ موٽي هن پرٿوي لوڪ تي اچون ۽ اچي ڪن نہ ڪن جيون جو اُڌار ڪريون. اهڙيون آتمائون دکي دنيا جي اُڌار لاءِ هن دکي لوڪ ۾، سنسار ۾ وري وري اچن ٿيون. ڪهڙي نہ عجيب اوستا! اِن کي ڪي ڪوئين ٿا ٻوڌي ستو!

زديڪ نٿا سمجهن ۽ پريوءَ سان آلاپ ڪرڻ نہ سڪيا آهن. اِڪ رشيءَ وٽ اِڪ جڳياسو وڃي ٿو ۽ چويس ٿو :- "گرديو ! هن سنسار جي اوندهہ ۾ مان ڇا ڪريان جو ڏسي سگهان ؟" تڏهن رشي چويس ٿو :- "پيارا ! روز روز هڪ پرارٿنا ڪر." جڳياسو پڇي ٿو :- "ڪهڙي پرارٿنا ؟ جيڪر مون کي ڪو منتر ڏيو." تڏهن رشي چويس ٿو :- "پيارا ! اُهو منتر بہ اٿيئي هيءَ پرارٿنا. وري وري اُچار ! سانت ۾ ويهي وري وري ڪر هيءَ پڪار :- ، تمسوما جوتر گميہ.' 'اوندهہ مان مون کي ڪڍي تون جوت ۾ آڻ !' اوندهہ آهي ترشنائن، اڇائن جي. اوندهہ آهي اِندرين جي تمنا ، اوندهہ آهي سرير جي پياس ، ڀوڳ واسطي. اِن اوندهہ مان، پريوُ ! مونکي ڪڍي تون جوت ۾ آڻ ! اِها جوت آهي، سائين ! تنهنجو ڪمل مکڙو ، اها روشني آهي، پريو ! رحم تنهنجو." پريو ، هڪ هڪ جڳياسوءَ ، پياسيءَ کي چويٿو :- 'منهنجا ٻالڪ ! سڄي سنسار کي مون روشنيءَ ۽ جوت سان ڀريو آهي. اِن جوت کي پسڻ واسطي پياس رکہ. هينئر نٿو ڏسين !'"

جڳياسو رشيءَ کان پڇي ٿو :- "گرديو ! مان ڪيئن ڪيس ڏسان ؟" تڏهن رشي چويٿو :- "اَندر ۾ سچو ٿيءُ ، دل کي صاف ڪر. اهڙي پياس رکہ. اِها پياس تنهنجي پسڻ، ڏسڻ جي شڪتي کوليندي، توکي صاف ڪندي."

سچي پرارٿنا اُٿي ٿي پياس مان، اُڪير مان. شل اهڙي پياس اسانجي اندر اُٿي، اسانجي درشٽي صاف ڪري، اسان جي جيون نرمل ڪري ! اسين بہ روز اِها پرارٿنا ڪرڻ سگهون :- "اوندهہ مان، پريو ! تون ڪڍي اسانکي روشنيءَ ۾ آڻ !"

سوال :- پرارٿنا بابت جيڪر ڪجهہ وڌيڪ سمجهايو.

جواب :- (١) سانت ۾ ويهي ڌيان ڪرڻ ; (٢) گوڙ شور کان

اُنجون اکيون کئن نہ پئي چمڪيون جڻ تہ هنجو روح سڄو پريوءَ جي حاضريءَ ۾ رهيو ٿي! مان هنڪي ڏسڻ سان ئي پاڻ کي چوڻ لڳس :- "هي تہ عجيب اِنسان آهي!" ٿورو ڳالهائي ۽ سانت ۾ وري وري پيو مشڪي. ٿورا اکر چوي، پر اُنهن ٿورن اکرن ۾ هڪ عجيب شڪتي هئي! اِهي اکر منهنجي دل جي اندر گهڙي ويا ۽ مون پاڻ کان پڇيو :- "هن انسان ۾ ڇا آهي؟ هنجي جيون کهڙيءَ شڪتيءَ ۾ ٻڌل آهہ؟"

هڪ ڏينهن هن پياري کان سوال پڇيم :- "اوهان جي زندگيءَ جو ٻل، شڪتي، طاقت، ڳجهارت ڇا آهي؟" سانتيڪي نموني مون کي چيائين :- "پرارٿنا." پوءِ منٽ ٻهي وڌيڪ چيائين تہ "منهنجي جيون جو شاستر آهي پرارٿنا."

مان هن پياري جي چرنن ۾ ڪِري پيس ۽ ڪيس مون پنهنجو گرو ڪيو. هن اِنسان بابت ڪيترا دفعا مون پاڻ کي چيو :- "هي پيارو تہ ڏينهن رات سانت ۾ پيو پريوءَ جي آرتي ڪري. سياڳو! هي سياڳو!" ۽ پوءِ هيءَ هڪ سبق مون پاڻ کي سيکارڻ جو ڪوشش ڪئي :- "اَءِ مورکہ منا! تون بہ دل جي مندر ۾ ويهي اَٺ ئي پهر ڪر اِڪ ناڪر جي آرتي!"

آهستي آهستي هن پياري جي سنگ ۾ مان ٿورو ڪجهہ سمجهڻ لڳس تہ پرارٿنا ڪيئن ڪجي؟ هڪ ڏينهن مون پاڻکي چيو تہ "پرارٿنا آهہ گفتگوُ، سائينءَ جو آواز سنسار جي گوڙ شور ۾ سڻڻ." ۽ مان پاڻکي وڌيڪ چوڻ لڳس هن طرح :- "اَءِ مورکہ! سائينءَ سان ڪر گفتگو ڇو تہ سائين ٻڌي ٿو ۽ سائين ڳالهائي ٿو ۽ سائين تنهنجي نزديڪ آهي. پرانن کان بہ نيري، تنهنجي هٿن ۽ پيرن کان بہ نزديڪ : پري ناهہ پريتم پيارو."

سنسار سارو اوندهہ انڌڪار آهي تن واسطي، جي پريوءَ کي

روشني چمڪي!" اها پڪار آهه "پرارٿنا."

سوال :- پرارٿنا ڪرڻ ۾ ڪهڙيون ڳالهيون مدد ڪن ٿيون؟

جواب :- آزمودو سيکاري ٿو ته پرارٿنا واسطي ڪي
الهيون ڏاڍي مدد ڪن ٿيون :-

(۱) اُپواس رکڻ. ڪيترا دفعا نه اسانجو سرير ڳورو رهيٿو.
ريو ته آهي هلڪو. ڳوري سرير سان اسين اِن حاضران حضور
ڪتيءَ، اِن هلڪي حاڪم، (سوڪم) پريوءَ کي ڪيئن پايون؟
پواس رکڻ سان اسين سائينءَ جي ٿورو نزديڪ وڃي سگهون ٿا.
پواس سان اسين سرير جي زبردستيءِ ٿورو ڪجهه ڀڃون ٿا ۽
هنجي آتما کي ٿورو ڪجهه پڪڙي سگهون ٿا. اُپواس سان اسين
درين کي ٿورو ضابطي ۾ آڻي سگهون ٿا ۽ پنهنجون دليون
ريوءَ ڏي چاڙهي سگهون ٿا. اڪثر اسان تي ترشنائون غالب پون
ون ۽ ترشنائن جي اثر هيٺ اسين پيا چاهيون ته اسانجي اندر،
و جانور آهي، اُن کي آسودو رکون. انهيءَ ڪري ڪيترا نه اسان
ن ڀوڳ ورتيءَ ۾ ڪِري پون ٿا. اُپواس سان ڀوڳ ورتيءَ کي
رو روڪيون ٿا ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي سرير کي ٿورو ڪجهه
هي اسين پرارٿنا جي وسيلي اُها شڪتي حاصل ڪريون ٿا جا
انجي دلين کي ڀوڳ کان پري رکيٿي ۽ پريوءَ جي چرنن ڏي
ي هلي ٿي.

(۲) ڌيان، سانت ۾ رهڻ. سانت ۾ ويهي ڌيان ڪريو ته
هانڪي پروڙ پوندي ته هن دنيا ۾ ڪيئن نه روحاني راهه ۾
يتريون مشڪلاتون آهن! پرارٿنا جو انسان ڌيان شڪتيءَ سان
ي مشڪلاتون پروڙي ٿو ۽ پوءِ اُنهن کان پاسو ڪريٿو.

(۳) تنهنڪري سنگ ضروري آهي. ڪنهن نه ڪنهن پريوءَ جي
ري جو سنگ، جو اِنسان ڪريٿو اُنکي شڪتي ملي ٿي ته

پري رهڻ ۽ (٢) ڀڳوان جو ڀڄن ڪرڻ، هري ڳن ڳائڻ، سنگت سان گڏجي ڪيرتن ڪرڻ. نام ڪيرتن اُتساهه سان ڪرڻ ۽ وري وري اُچارڻ :- "هري بول! هري بول!" اِهي پرارٿنا جون ٽي منزلون آهن.

ايڪانت، سانت ۾ وڃڻ اهڙو ضروري آهي جهڙو سنگت ۾ وهڻ ۽ ويهي نام ڪيرتن ڪرڻ. سچي پرارٿنا سو ڪريٿو، جو سنسار جي گوڙ شور کان پري پنهنجي پريتم، پريوءَ ڏي نهاري ٿو، ۽ اُن جي ڪمل چرنن ۾ سر جهڪائي ٿو. سٽپرکن پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏني آهي هن ڳالهه جي، ته سانت، ايڪانت ڪهڙي نه ضروري آهي! سنتن بابت اسين پڙهون ٿا ته ڪيئن نه هو ماڻهن کان، گوڙ شور کان پري ٿي، اڪيلو، نديءَ ڪناري يا پهاڙ تي يا ڪونيءَ جي ڪنڊ ۾ سائينءَ جي پرارٿنا ۾ رڌل رهيا ٿي. جيستائين اسان پنهنجي من کي ٿورو گهڻو سانت ۾ نه آندو آهي، تيستائين اسان کي پروڙ ڪونهي ته سچي پرارٿنا ڇا آهه؟ هيءَ ڳالهه بلڪل ضروري آهي ته اسين پنهنجن ويچارن کي سانت ۾ آڻيون، پنهنجو چنتائون، ترشنا جا طوفان پري رکون. پرارٿنا اِن کان اڳي شروع نٿي ٿئي.

هڪ ننڍي بالڪ جي ڳالهه آهي. رات آئي آهي : وڃيٿو پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ سمهڻ. اِها ڪوٺي ماڙيءَ تي آهه. ماڙي چڙهڻ مهل ڏسي ٿو ته اونده آهي. ننڍو ٻار، ڪيس ڊپ ٿئي ٿو. پنهنجي ماءُ کي ياد ڪريٿو ۽ چويٿو :- "اَمي! اَمي! پنهنجو هٿ رکه منهنجي هٿ ۾ ته اونده هلي ويندي، سوجهرو چمڪندو." هن بالڪ جي حالت ۾ اسين بہ آهيون. سنسار جي ڏاڪڻ تي چڙهون پيا. آس پاس اونده ڏسون ٿا : شل هڪ هڪ پڪارڻ سکي :- "اَمي! جنني! پنهنجو هٿ رکه منهنجي هٿ ۾ ته اونده هلي وڃي

:- "ڪرپالو ! ڪر منهنجي دل تون پاڪ ! تيان ڪرشن قدمن جي
ڪاڪ !" وقت بہ وقت هيئن چوان :- "پکين جا راڳ يا پسن جي
ڪار يا وٽن جا آواز يا پاڻي ۽ جي للڪار يا هوا جي تند بنا تار
ڏان تہ چوان :- 'تون آهين ! سائين ! تون آهين ! ٻيو ڪجھ ناهي
و بن، اڪ تون آهين !'" وري هيئن بہ چوان :- "لوڪن جون
ڪيون نهارين ڪاشي ۽ يا برندابن يا متھرا ڏي ؛ پر هي اکيون
نهارين تو محبوب جي ڪمل مکڙي ڏي !" وري وقت بہ وقت هيئن
جوندو آهيان :- "ڪريل ڪمزور ڏسي مون کي شل تون نہ
سارين. پر مهر نظر سين نهارين : شل مان نہ وساريان !" سائين ۽
جي ڪرپا ۾ هيئن بہ چيو اٿم :- "ديالو ! تون مون لاءِ ڪافي
هين : تون مونکي ملين تہ ٻيو ڪپي ڪين."

هڪ پياسي ۽ کي مون چيو :- "چئہ شيام ! چئہ رام ! وري وري
چئہ :- 'رام ! رام !' 'شيام شيام !' هڪ اکر ۾ رکہ دل تون قابو ! هڪ
اکر : 'رام ! شيام ! اوم ! اللہ ! هري ! واهگرو !'"

دل جي دروازي تي سائين بيٺو آهہ، بيٺو کڙڪائي : هڪ اکر
ڏي تہ دروازو کولي اَندر اچي تو ۽ ديدار ڏئي تو.

سوال :- پرارٿناجو ڦل ڪهڙو آهي ؟

جواب :- پرارٿنا جو "ڦل" آهي "ديدار." اِن ديدار ۾،
پيارا، تون پريو ۽ کي ڏسين ٿو، پريو توکي ڏسي ٿو ! اِن ديدار
۾، پيارا ! تون جيو جنتو ۽ ۾ هڪ پريو ڏسين ٿو، سين پراڻين ۾،
اجي ۽ ۾ ۽ گاھہ ۾، پن ۾ ۽ پتي ۾، گل تاري ۾، نر ناري ۽ ۾، ڏسين
و اِڪ تونهين تون !

اِن ديدار ۾، پيارا ! تون اُها شڪتي ٿو کولين، جا لکن
زارن کي آسيس ڏئي ٿي چو تہ تون ٻين کي پيار ڏيڻ سڪين
- ۽ پنهنجي اَندر ڏسين ٿو تہ ڪئن نہ فقط تون ڪين آهين، پر

ڪيئن اُنهن مشڪلاتن کي منهن ڏجي، اُنهن سان اُٿي بيهي مقابلو ڪجي ۽ اُن شڪتيءَ سان مشڪلاتن تي جئہ پائجي.

اِسڪولن ۾ اسين ڪيتريون ڳالهيون سکون ٿا، پر جيون جي اِسڪول ۾ هڪ مکيہ ڳالهہ سکڻي آهي سا هيءَ :- "پرارٿنا." هڪ سنت پنهنجي ششن کان پڇيو :- "اوهانکي ڇا کپي؟" ششن چيو :- "سائين! اسانکي پرارٿنا ڪرڻ سيکاريو." هڪ وڏي وير سورمي بابت لکيل آهي تہ پهلوان هو، بهادر هو. نيٺ اُهو ڏينهن اچيٿو جنهن ڏينهن تياري ڪريٿو، پنهنجن مٺن مائٽن کان موڪلائي ٿو : چويٿو :- "منهنجو بہ وارو آهي ۽ ٿوري وقت ۾ مان بہ هيءَ دنيا ڇڏي پنهنجي وطن موٽي ويندس." هي ماڻهو بهادر آهي، موت جو ڪيس ڊپ ڪونهي. هڪ سندس متر، جو بہ وڏو ماڻهو آهي، اُن وقت حاضر آهي. پڇيس ٿو :- "پيارا! اسان کي تہ خبر هئي تہ تون وير، سورمو آهين، ڏاڍو بهادر، پر هينئر خبر پويٿي تہ توهانکي موت جو ڊپ ڪونهي. سبب ڪهڙو آهي؟" تڏهن هي سوُرمو نماڻي نموني چوي ٿو :- "پيارا! سالن کان مون پنهنجي جيون پرارٿنا ۾ بڌي آهي. مان پريوءَ سان مورکہ هوندي بہ گفتگو ڪندو آهيان، پريوءَ سان پنهنجو حال اوريندو آهيان. پريوءَ کي پري ڪين سمجهان، پر پاڪي چوان :- "منهنجو پيارو پريوُ آهہ نيري، آهي نزديڪ." اِهي اکر هن سوُرمي جو متر بڌي چويس ٿو :- "اَءُ دوست! مان سياڳو جو توکي سڃاڻان. سيکار مون کي، پرارٿنا ڪرڻ مونکي سيکار!"

پرارٿنا لاءِ گهڻن اکرن جي ضرورت ڪانهي. ڪيترا دفعا نہ رات جو جاڳي جاڳي مون پريوءَ کي پرارٿنا ڪئي آهہ هن هڪ اکر ۾ :- "اَمي! اَمي! اَمي!" ڪيترا دفعا نہ مون پڪاريو آهہ :- "رحم ڪر، اَءُ رحم وارا!" ڪيترا دفعا هي ٿورا اکر چوندو آهيان

(٥)

سانت جي ساکي

سوال :- اوهان کي سانت لاءِ ايڏو پيار آهي : اِن جو سبب
ڪهڙو ؟ اوهين ڇو نہ ٿا گهڻو وقت اسانکي پنهنجو سنگ ڏيو ؟
جواب :- هتي مون کي پوري سانت نٿي ملي. جيون جا
ڪيہ چار روپ آهن، جن مان ٽي روپ سانت ۾ کلن ٿا جڏهن
انسان پنهنجو گهڻو وقت سانت ۾ گذاري ٿو.
پهريون روپ، جو سانت ۾ کلي ٿو، سو آهي "روشني"
(Light). روشنيءَ جو ٻيو نالو آهي "درشن". اندر جو درشن ملي
ڪيئن؟ درشن اندر ملي ٿو اُن سڀاڳي کي جو پنهنجو گهڻو وقت
سانت ۾ گذاري ٿو. سانت ۾ انسان اندر وڃي پاڻ سڃاڻڻ جي
ڪوشش ڪري ٿو. ۽ اندر وڃي، اندر ڌيان ڪري ڪري، هڪ ڏينهن
اُنءَ پيارو جوت ڏسي ٿو، روشنيءَ جو ديدار ڪري ٿو. روشني
ڏسي ٿو تہ پوءِ اُن کي دنيا جي ڪهڙي پرواهہ؟ اِهو پيارو
پنهنجو پريتم ڀانئي ٿو وچ دل مندر. ۽ وچ دل مندر سانت ۾ ويهي
روشنيءَ جو آنند وٺي ٿو.
جيون جو ٻيو روپ، جو سانت ۾ کلي ٿو، سو آهي "سڳنڌ"
(Fragrance). جيون ۾ سڳنڌ ڪيئن ٿي اچي؟ جڏهن جيون ۾
تپشيا اچي ٿي ۽ جگياسو پاڻ تي، پنهنجي من ۽ ٻُڌيءَ تي ضابطو
رکي سگهي ٿو. اهڙو انسان ٿي پوي ٿو "ٻڌوان" انسان. اِها تپشيا
جي جوت ٻہ جيون ۾ تڏهن پرڪاش ٿئي جڏهن انسان سانت ۾

ٻيا سڀ جن کي تو پيار جي آسيس ڏني آهہ! تون پنهنجي اَندر ڏسين ٿو تہ ڪٿن نہ شيام وينو ڳائي، وينو بنسري بجائي! ۽ تون شيام سان هڪ ٿي وينو ڳائين، وينو پرٿوي[4] ۽ تارن ۾ لکن ڪروڙن جون دليون ريجهائين!

پيو پنڪي : پر ڪٿي؟ ٻاهر دنيا جي پدارٿن ۾ پيو پريوءَ کي
ولي. وساري ڇڏي ٿو ته پريو ته آهي اندر. تڪاڻن ۽ مندرن،
سجدن ۽ ديولين جي ضرورت برابر آهي، پر هيرو، پريوءَ جو
چو هيرو ته آهي دل جي اندر. ۽ جو دل جي اندر وڃي ٿو
ولي، تنهن کي ئي اِهو هيرو ملي ٿو. اِن کوج لاءِ، اِن تلاش لاءِ
روري آهي ته اسين سانت ۾ ويهون، سانت ۾ اَندر ويهي پنهنجي
ريتم سان رهاڻ ڪريون.

پريو آهي شانتمي، ۽ رهي ٿو دل جي مندر ۾. پراچين
استرن ۾ هڪ سندر ڳالهه لکيل آهي. هڪ رشيءَ کان هڪ
جگياسو پڇي ٿو :- "آتما ڇا آهي؟" رشي سانت ۾. وري جگياسو
ڇي ٿو :- "گرديو! ڪرپا ڪري سمجهايو ته آتما ڇا آهي؟" وري
رِشي سانت ۾.

وري جگياسو ٽيون دفعو ساڳيو سوال پڇي ٿو ۽ وينتي رکي
:- "گرديو! ڪرپا ڪري سمجهايو ته آتما ڇا آهي؟" تڏهن
شي، جنهن جي مک ۾ سانت جي روشني پئي چمڪي، چويٿو :-
پيارا! مون ته توکي جواب ڏنو." تڏهن جگياسو چويٿو :-
گرديو! مان ته سمجهان نٿو. ڪرپا ڪري سمجهايو." تڏهين رشي
وي ٿو :- "شانتويم آتما" : اِن جو مطلب ته "آتما آهي سانت."

اِن ڪري جو چاهي ته مان اندر وڃڻ سکان تنهن لاءِ ضروري
ي ته ڪجهه نه ڪجهه وقت روز سانت ۾ وهي، ۽ اُن ملاح وانگر
ارٿنا ڪري، جنهن چيو :- "منهنجا ناکر! منهنجا پريتم!
هنجي ٻيڙي ننڍڙي، پراٿي : تنهنجو ساگر هيڏو وڏو ۽ اونهو!
ن اچي ڪر منهنجي سنڀال! تون اچي ٿيءُ منهنجو رکپال!"

اسان جي روز بروز جي جيون ڪيڏي نه گوڙ شور ۾ ٿي
ري! تنهن ڪري جو چاهي ته سندس دل صاف ٿئي، اُن لاءِ

وهڻ سڪي. سانت ۾ ويهي تپشيا جو ٻج جيون ۾ پوکٽو آهي، ۽ جڏهن اِهو ٻج ڦٽي ٿو، تڏهن پيارو ڪيڏي نہ سڳند پکيڙي ٿو! ڳالهائي يا نہ ڳالهائي، فقط نهاري، يا پنهنجو هٿڙو آسيس جو متي تي رکي تہ سڳند سان ڀري ڇڏي. اهڙو پيارو آهي چندن جي وڻ وانگر. پاڻ سڳند وارو ٿئي ٿو ۽ جيڪو بہ اهڙي پياري جي سنگ ۾ اچي ٿو اُن ۾ سڳند اچي ٿي چمڪي.

جيون جو ٽيون روپ، جو سانت ۾ کلي ٿو، سو آهي "گيت". جو پيارو گهڻو وقت سانت ۾ گذاري ٿو، اُن جي جيون ٿي پوي ٿي "گيت". ۽ جيون گيت ٿئي ٿي جڏهن اندر ۾ پريتم سان رهاڻ ڪري ٿو، پنهنجي اندر شيام جي بنسري ٻڌي ٿو. ۽ ڪيئن اندر وڃي مرلي ٻڌي، ڪيئن اندر وڃي رهاڻ ڪري پنهنجي راڻي سان، جيستائين سانت ۾ نہ وهي؟ اهڙو پيارو سانت ۾ ويهي پنهنجي روح جي رباب تي جيون جو گيت ڳائي ٿو.

چوٿون روپ جيون جو آهي شڪتي. اُهو پيارو سنسار ۾ رهي ٿو، ۽ پنهنجي وهنوارڪ ڪم ۾ هڪ عجيب شڪتي پرڪاش ڪري ٿو. تنهنڪري پيارا! جي تون چاهين تہ تنهنجي جيون ۾ جوت جاڳي ۽ جيون ۾ سڳنڌي اچي ۽ جيون راڳ ٿئي تہ ضروري آهي تہ پنهنجو ڪيترو وقت سانت ۾ گذار. ۽ سانت ۾ ويهي، سانت ۾ طاقت وٺي جڏهن تون ڪرم جي ميدان ۾ ايندين تہ تنهنجو هڪ هڪ ڪم تي پوندو "يگيہ" شيام جي ڪمل قدمن ۾!

سوال :- اوهان سانت جي کهڙي نہ عجيب تصوير چٽي آهي : جيڪر سانت بابت اسانکي سکيا ڏيو!

جواب :- پريوءَ جو راڄ هڪ هڪ جي اندر آهي : ۽ جو چاهي تہ مان اِن اندر جي راڄ جو نواسي ٿيان، اُن واسطي ضروري آهي تہ سانت ۾ وهڻ سڪي! ڪئن نہ جيو ويچارو اِن تلاش

روز روز سانت ۾ وڃڻ سان توهان کي پريوءِ جي ڪرپا
ملندي، جنهن ڪري توهان کي دک سهڻ جي وڏيڪ طاقت ملندي.
آهستي آهستي ڪري توهين پنهنجي اندر ننڍڙو آواز ٻڌندا :
توهين پنهنجو ڪم ڪار سانت ۾، ڦر ڦر بنا، ڪرڻ سڪندا. پوءِ
توهان جي ڪم ڪار ۾، توهان جي اکرن ۾ اڇي چمڪندي روحاني
شڪتي. توهين ڪنهن بہ سوارٿ بنا ڪم ڪار ڪندا : توهان جي
ڪم ڪار ۾ اڇي سانت جي سونهن چمڪندي! توهان جي اندر پيار
۾ ڏڪار، لوڀ ۽ لالچ، دئي ڀاءُ رهندو ڪين. هڪ هڪ ڪم ڪار
ڪرڻ کان اڳي پنهنجي اندر ويندا ڪجهہ وقت، ۽ سانت ۾ اُتان
شڪتي وٺي، اڇي ڪرم جي ميدان ۾ بيهندا. ۽ سمجهندا تہ ڪم
ڪرڻ واري هڪ ٻي شڪتي آهي، جا توهان جي اندر آهي ۽ سانت
۾ ويٺي اوهان کان ڪم ڪرائي.

اندر وڃي؛ پيارا! ترسو : اندر اُڪير ۾ وڃي چاترڪ پکيءَ
جانگر وهو : پنهنجي پريتم جي اچڻ لاءِ ويهي نهاريو، ويهي پياس
۾ پڪاريو!

هيءُ جيون مليو آهي تہ اسين پاڻ کي ڪريون قربان پنهنجي
ٺاڪر جي ڪمل چرنن ۾ : ۽ قرباني هميشهہ ڪبي آهي سانت ۾.
ڦڙي پياري لاءِ هيءُ سنسار ٿي پوي ٿو هڪ تپوبن ؛ ۽ اِن تپوبن ۾
هو پيارو سانت ۾ وهڻ سکي ٿو. سانت ۾ اهو پيارو پنهنجي
ڪارن تي سوڀ پائي ٿو ۽ اندر اِڪ آواز ٻڌي ٿو جو ڪيس
چويٿو :- "پيارا بالڪ! هينئر اچ تون آنند ڌام ۾!"

سوال :- اوهان کي سانت ڏاڍي پياري آهي : ڪرپا ڪري
ڏايو تہ اها سانت ڪٿان ملي؟

جواب :- اندر جي سانت لاءِ ٻاهرين سانت ضروري آهي.
اها ڳالهہ سچي آهي تہ اندر جي سانت من جي چنچلتا دور ڪري

ضروري آهي تہ روز ڪجھ نہ ڪجھ وقت سانت ۾ وهي. جو چاهي تہ هو ٻاهرين طوفانن کان بچي، اُن کي کپي تہ پنهنجي اندر جي قلعي ۾ وڃي سانت ۾ پاڻ کي انهن طوفانن کي بچائي. جو پنهنجي اندر وڃڻ جي ڪوشش ڪري ٿو سانت ۾، سو ضرور هڪ ڏينهن پسي ٿو ديدار پنهنجي دوست جو. جيڪو پنهنجي جيون جو بنياد سانت ۾ ٻڌي ٿو، اُن جي جيون جي ستار تي اڇي ٿو پريو پاڻ ڳائي! اُن لاءِ ضروري آهي تہ اندر سانت ۾ وڃجي، سانت جي آواز ٻڌڻ جي ڪوشش ڪجي. ۽ جئن جئن ڪو سانت جو آواز ٻڌي ٿو، تيئن تيئن اُن جي ڌيان شڪتي وڌي ٿي کلندي.

پستڪن جا پرچا پڙهي ڇا ڪبا؟ دل جو ڪتاب ڪافي. اَسانجا ڌرمي شاستر، اسان جي اِسڪولي ۽ ڪاليجي وديا آهي مٽي، آهي خاڪ. ضروري آهي تہ اسين سانت ۾ پنهنجي اندر وڃون تہ ڏسنداسين تہ اسان کي سچي سکيا ملي ٿي اندر ۾! جئن جئن سانت ۾ وهندا، تئن ڏسندا تہ توهانجون ڪيتريون لڪل شڪتيون کلنديون ۽ توهان کي اُنهن ڳالهين جي ڄاڻ پوندي، جيڪا توهان کي هنن ٻاهرين ڪتابن جي پڙهڻ مان نٿي ملي. سانت آهستي آهستي اوهان جي درشٽي صاف ڪندي، ۽ اوهانجون اکيون پسنديون عجيبن جو اسرار!

روز روز سانت جو اڀياس ڪريو تہ توهان جي اندر، جو جوت جو نقطو آهي، سو وڌي جوت جي لاٽ ٿي پوندو. ۽ اِها جوت توهانکي پريوءَ جي پرم جوت ڏانهن وٺي ويندي.

سانت ۾ آتما پرماتما سان گفتگو ڪري ٿي. پوءَ توهان کي وڏيڪ ضرورت معلوم ٿيندي تہ هن دکي دنيا کي ڪيڏي نہ ضرورت آهي سچن شيوڪن جي، جي دنيا کي اوندهہ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻين.

جي ڪنڊ ۾ ڪتابڙي ۾ مان مليم." اِن سانتيڪي ڪنڊ ۾ ويهي، جڳياسوءَ کي کپي تہ سنسار جي ويچارن کان پري رهڻ جو روز روز اُڀياس ڪري. ڪوشش ڪري تہ جيڪي پدارٿ يا ويچار ڪيس سنسار سان ٻڌن ٿا، تن جو تياڳ ڪري. اِهو ڪم آهستي آهستي ٿيندو. سچي جڳياسوءَ کي گهرجي تہ روز روز سانت ۾ پاڻ کي خالي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. اسين سنسار جي پدارٿن سان، وشين وڪارن سان ڀريل آهيون، انڪري ڳورا آهيون. شري ايشا هڪ هنڌ چويٿو :- "سي سياڳا جن پاڻ کي ڪيو آهي خالي ; ڇو تہ خالي دل کي ڪري ٿو پريو ڀرپور!" بيشڪ جڳياسوءَ کي گهرجي تہ سانت ۾ پنهنجي دل کي ڪري خالي.

سانت ۾ روح ائين اُسري ٿو، جئن وڻ سج جي ڪرڻن جي اثر هيٺ اُپري ٿو. جڳياسوءَ کي کپي تہ پنهنجي روح جي وڻ کي سانت جي سج جي روشني ڏئي تہ اُهو روح گُلندو ۽ کِلندو آتما جي روشنيءَ ۾!"

سانت ٻن قسمن جي آهي :- (١) زبان جي سانت. اڪثر اسين ڪيترا دفعا ڳالهايون ٿا ضرورت کانسواءِ. جي اسين فقط هڪ منٽ ويچار ڪريون تہ فلاڻي اڪر ڳالهائڻ جي ضرورت آهي يا نہ، تہ ڏسنداسين تہ اسان جو گهڻو ڳالهائڻ فضول آهي. جيڪو جڳياسو آهي سو سانت جو پتر آهي. اُهو پهرين سانت ۾ وجي پوءِ ڳالهائي ٿو. جڳياسوءَ کي کپي تہ پنهنجي دل اندر سانت لاءِ پيار وڌائي. ڪيترا دفعا نہ اسين اڪر ڳالهايون، پوءِ پڇتايون!

هڪ ڀاءُ هڪ ڏينهن هڪ ستپرڪ وٽ اچي ٿو ۽ چويٿو :- "سائين! مون کان خطا ٿي آهي جو مان پنهنجي هڪ پاڙيسريءَ کي کهڙا اکر چئي آيو آهيان : هاڻي ڇا ڪريان؟"

ستپرڪ چويس ٿو :- "پيارا! هيءُ ڪنيِ وٺ : پنهنجي گهر

ٿي ۽ جيو جي اندر پياس اُٿاري ٿي نچ گهر واسطي، پياري شيام واسطي : اِها پياس سنسار جو ڪوبہ پدارٿ پوري نٿو ڪري سگهي. اها پياس فقط تڏهن ترپت ٿئي ٿي جڏهن جيو پنهنجي پريتم سان ملي ٿو، پنهنجي پريتم ۾ لولين ٿي وڃي ٿو.

شري ڪرشن وري وري ارجن کي چيو :- "پنهنجي اندر، دل جي مندر ڏي موٽ!" ارجن هو موهہ ۾ ڦاٿل، جئن اسان مان ڪيترا نہ سنسار جي وشين پدارٿن ۾ ڦاٿل آهن! ۽ جو چاهي تہ مان پنهنجي اندر، دل جي مندر ۾ موٽان، اُن لاءِ ضروري آهي تہ وري وري پاٺ کي نچ ڌام جي يادگيري ڏياري : ۽ اُن لاءِ هڪ مکيہ ساڌن آهي سانت.

سانت ضروري آهي ڇو تہ سانت ڌيان ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. چوندا آهن :- "جهڙو ڌيان، تهڙو اِنسان." سانت ۾ ئي شيام نام اندر ۾ لکجي ٿو. سانت ۾ دل پريوءِ ڏي وَهي ٿي، جئن ندي وَهي ساگر ڏي. سانت ۾ دل شيام روشني پائي ٿي. اِن سانت جي مهما رشين ۽ منين، سنتن ۽ ستپرکن وري وري ڪئي آهي. هڪ سنت چيو آهي :- "جيون جي پاڙ سانت ۾ آهي : اُن مان جيکي پٽا ۽ شاخون نڪرن سي سڀ ڳائين شيام نام! شيام نام!"

جو چاهي تہ مان اِها سانت پايان، اُن کي کپي تہ هڪ سانتيکي ڪنڊ هٿ ڪري جتي ڪير بہ ڪيس نہ منجهائي. هيءَ من باغي آهي، اِن لاءِ ضروري آهي تہ جڳياسو سانتيکي ڪنڊ ۾ وهڻ سکي.

روز گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ وهي ۽ وڌيڪ جيترو وقت مليس اوترو وقت وهي. جي فرض ڪيس ڪنهن باهرئين ڪم ڏانهن ڇڪي تہ ضروري آهي تہ اُهو ڪم ڪري وري اُن سانتيکي ڪنڊ ۾ موٽي اچي. هڪ سنت چيو آهي نہ :- "جيکي لڌم، سو پنهنجي ڪوٺڙيءَ

(٦)

جيون جو نقشو

سوال :- گيتا ۾ جيون جو نقشو ڪھڙو ڏنل آهي ؟

جواب :- جيڪڏھن اُن نقشي جي اسان کي خبر پوي تہ
اسان مان ڪيترا اُن تي هلڻ جي ڪوشش ڪن. گيتا ۾ ڪيترا
شلوڪ اچن ٿا، پر اِڪ شلوڪ جو مان وينو ويچار ڪريان :-
اهي ارجن! جنهن وقت لوڪ رهن ستل ننڊ ۾، اُن وقت جوڳي اُٿي
ٿا جاڳن! ۽ وري جنهن وقت لوڪ عيش عشرت ۾ جاڳن، اُن وقت
جوڳي، گياني ستل سي تہ آهن."

اِڪ اُپنشد ۾ رشي چويٿو :- "اُٿو! جاڳو!" اَفسوس! اسان
مان ڪيترا نہ ستل آهن! اڪثر ڪنن سپنن ۾ وقت ٿو وڃي! شري
ڪرشن چويٿو :- "اُٿو! جاڳو!" جوڳي ڇا ٿا ڪن؟ جنهن وقت
سين ننڊ ۾ ستل آهيون، اُن وقت جوڳي اُٿي پريوءَ جا گن ٿا
ڳائين. هڪ فقير جي ڳالھہ مون کي ياد اَچي ٿي. هڪ شاهوڪار
هڪ فقير کي گھر ۾ ڪوٺي، ٽڪائي ٿو. سندس پياس آهي تہ
ڏسان تہ هي ڪير آهي؟" شاهوڪار مڪرُ ڪري سمهي ٿو! فقير
اڌيءَ رات جو اُٿي وينو رام ريجهائي! پيو چوي :- "پريتم پيارا!"
جوڳي اُٿي ٿا جاڳن ۽ اسان جي اڳيان مثال رکن ٿا تہ "اوهين بہ
جاڳو!"

گيتا ۾ ٽن ڳالهين تي زور ڏنل آهي :- (١) اُٿو، جاڳو!
پريوءَ کي ڏيايو! سمرن ۾ جيون جو بنياد ٻڌو. سويل اُٿڻ سکو!
اها عادت سويل اُٿڻ جي اڪثر ڳوناٽن ۾ آهي. پر شهرين ۾ اِها
عادت ڪانهي! سويل اُٿو! سمرن ۾ وقت گذاريو!

مونٽي وچ. جڏهن وري هتي سياڻي اچين ته رستي تي هڪ هڪ ڪنب ڪيرائيندو اچج."

ٻئي ڏينهن هيءُ ماڻهو ائين ڪري ٿو ۽ جڏهن ستپرڪ وٽ اچي ٿو، تڏهن ستپرڪ کيس چوي ٿو :- "پيارا ! هاڻي وري مونٽي اهي ڪنب ڪٿا ڪري اچ."

تڏهين هيءُ ياءُ چوي ٿو :- "سائين ! ائين ڪئن ٿي سگهندو ؟ ڪنب جيڪي مون رستي تي ڪيرايا سي ته منهنجي ڏسنديئي الائي ڪٿي اڏامي ويا."

تڏهين هيءُ ستپرڪ چوي ٿو :- "پيارا ! اکر به ائين اٿيئي. هڪ دفعو جو ڳالهائي ٿو، تنهن ڪي خبر آهه ته ڳالهايل اکر وري مونٽي نٽا اچن. ۽ جي سمجهين ته ڳالهائڻ ضروري آهي ته پهرين سانت ۾ ويهه، پوءِ سانت جي شڪتي وٺي ضروري اکر ڳالهاءِ."

هڪ سنت چيو آهي ته "بهتر آهي ته سانت ۾ رهجي : پوءِ ڀل لوڪ غلط سمجهن، تنهن کان جو ڳالهائجي، پوءِ پڇتائجي."

ساڌيو سنت وري هڪ ٻئي هنڌ چوي ٿو :- "ڪيترا دفعا پنهنجي ڪوٺيءَ کان ٻاهر نڪتو آهيان ۽ ڳالهايو اٿم ۽ گهٽ انسان ٿي موٽيو آهيان !"

پهرين سانت آهي زبان جي ; ۽ (٢) ٻي سانت آهي من جي سانت. جڏهين جگياسو ٻاهرين سانت ۾ وڌيڪ وڌيڪ وهي ٿو، ۽ اندريون وشين سان سنگ گهٽ ڪن ٿيون، ته من جي چنچلتا به آهستي آهستي وڃي ٿي گهٽ ٿيندي. من جئن ٻاهرين پدارٿن جو سنگ گهٽ ڪري ٿو، تئن اندر وڌيڪ وڃڻ سگهي ٿو. ۽ جئن وڌيڪ وڌيڪ اندر وڃي ٿو، تئن من جي چنچلتا وڃي ٿي گهٽ ٿيندي ۽ من استر ٿئي ٿو ۽ دل جي مندر ۾ پنهنجي پريتم جي چرنن ۾ وهڻ سگهي ٿو !

ـتي ملي. شهر جو بنياد آهن اِستريون. تنهنڪري جيڪر ٻالڪين
جو اِسڪول کوليان!" ڇوڪرين جو اِسڪول کولي ٿو. ڇوڪرين
جو اِسڪول کولڻ ڏاڍو مشڪل اٿو! ڇوڪرين جو اِسڪول کولڻ
معني ماڻهن جون ميارون سهڻ! ڇوڪرين سان ملي ٿو! چويٿو :-
جيستائين هنن سان رلندسِ ملندس ڪين، تيسين پريوءُ ڏانهن
ڪين ڇڪبيون." ڪيترا ماڻهو هن تي الزام رکن ٿا. هيءُ پيارو پيو
مشڪي! ڪانئس سوال پڇن ٿا :- "پيارا! تون پيو مشڪين : اسين
تنهنجي برخلاف ڳالهيون ٻڌون ۽ پيا ڪاوڙ ۾ ٿهڪون، پر تون پيو
مشڪين : سببِ ڪهڙو؟" تڏهن مشڪي چويٿو :- "ڪرم جو ميدان
مشڪل آهي. مان جڏهن ڪرم جي ميدان ۾ اچي بيهان ٿو تہ چوان:-
'اَءُ پريو! سيبئي ڪم تنهنجا!' پوءِ چنتا ڇا جي؟"

هڪ ڏينهن ستسنگين کي سکيا ڏئي ٿو : چويٿو :- "پيارا!
وقت بہ وقت منهنجي اڳيان اُٿي ٿو ڪڪر ڪارو، پر ڏسان ٿو تہ
ڪنئن نہ منهنجي اندر پيو چمڪي روشن ستارو! پوءِ چنتا ڇا
جي؟" هن پياري ڏاڍو ڪم ڪيو. اچي دم جي بيماري ٿيس. اِنسان
جو امتحان آهہ بيماري، تڪليف! اُن وقت بہ پيو مشڪي. پڇاڙيءَ
جي ڏينهن هن ڪهڙا نہ اکر چيا! پريوءُ کي پڪاري ٿو :- "پريتم
پيارا! ننڊ ڪين ڏيندين؟ رحم ۾ ڪين رکندين؟ جو نہ رکندو! جو
نہ ننڊ ڏيندو!" پريو تہ سنتن جو رکپال! پرارٿنا ڪان پوءِ هن کي
ننڊ اچي ٿي! ڪهڙو نہ سندر مثال هن ستسنگين اڳيان رکيو!

گيتا جي سکيا تڏهن اِها اَٿو :- (١) سمرن ڪريو؛ (٢) سوَ
ڌرم پالن ڪريو؛ ۽ (٣) شيوا ڪريو! شيوا ۾ مشڪلات اچي،
بيماري اَچي، ڪي بہ اَچي، پل اَچي : مبارڪ! جو صبر ۾ سهي،
سو پريتم کي لهي!

(٢) ٻي ڳالهہ آهي تہ پنهنجو سوَ ڌرم پالن ڪريو ! اوهان مان هڪ هڪ ڪي پنهنجو فرض آهي : اُن ڪان منهن نہ موڙيو ! ڪنهن جو ڪهڙو ڌرم تہ ڪنهن جو ڪهڙو ڌرم! وديارٿيءَ جو سوَ ڌرم آهي وديا وٺڻ، ٽيچر جو فرض آهي تہ وديا ڏيڻ! "سوَ ڌرم"،- اِن ڳالهہ تي گيتا ۾ زور ڏنل آهي!

(٣) ٽين ڳالهہ ڪهڙي؟ شيوا ڪرڻ! ڪانہ ڪا شيوا ڪرڻ. شيوا جو دروازو کولي ڪيترن نہ مڪتي پاتي! جنڪ راجا ڪئن نہ شيوا ڪئي!

هڪ پريوءَ جي پياري جو جيون چرتر مون ويٺي پڙهيو. پنهنجي مائٽن جو سڪيلڏو پٽ هو: سندس دل ۾ پياس، اُڪير، پريوءَ لاءِ! هن جو پتا جلد پرلوڪ پڌارجي ٿو. پتا قرض ڇڏي وڃي ٿو، هي پٽ چويٿو :- "ڇا ڪريان؟ هيڏو قرض! اَميءَ جي شيوا مان ڪندس! آهستي آهستي مان ڪمائي قرض لاهيندس!" وري وري وڃي ماتا کي ڳراٽڙيون پائي ٿو ۽ چويٿو :- "اَمي! مان تہ آهيان تنهنجو خدمتگار! مان سوَ ڌرم پاليندس." وڃي ڪمائي ٿو! سنجم سان هلي ٿو ۽ اِئين پيو پنهنجي سوَ ڌرم ۾ هلي!

هڪ ڏينهن سندس دوست کي خبر پوي ٿي. هيءُ سچو دوست آهي : ڪيس خبر پوي ٿي تہ منهنجو متر پيو ڳڻي! پڇيس ٿو تہ "توتي ڪيترو قرض آهي؟" دوست چوي ٿو :- "مونکي ٢٥ هزار قرض آهي!"

متر چويس ٿو :- "پيارا! تون وڃي قرضدارن کي ٢٥ هزار ڏي ۽ پوءِ وڃي پريوءَ جي شيوا ڪر!" دوست کان ٢٥ هزار وٺي ٿو ۽ قرض لاهي ٿو. دل ۾ اُتس شڪر جي پڪار :- "پريو! تون آهين!"

پوءِ گيان ۽ ڀڳتيءَ ۾ وڃي ٿو وڌندو. شيوا ڪري ٿو. هن ڇيو پاٺ ڪي تہ "ڪيترا نہ بالڪ بالڪيون آهن، جن کي سچي وديا

ٻڌايو تہ اِهو اڀياس ڪئن ڪريون ؟

جواب :- ڀريون مکيہ ساڌن هيءَ آهہ تہ پنجن دشمنن سان لڙائي ڪريو ! اِهي دشمن ڪير ؟ پنجن دشمنن اَچي اسان کي گهيريو آهي. هيءَ ڪوٽ، جنم جو ڪوٽ ننڍل آهي : اِن ڪوٽ کي اچي پنجن ويرين قابو ڪيو آهي، تن سان مقابلو ڪريو. اِنڪري بهادر ٿيو. جي بهادر نہ آهن، تن لاءِ روحاني راهہ ڪانهي. بهادر ٿيو ۽ پنجن دشمنن جو مقابلو ڪريو. اهي پنج ويري اندر گهڙي ويا آهن. اِڪ اِڪ جي اندر اَچي اِنهن ڪوٽ کي قابو ڪيو آهہ. اهي پنج ويري آهي :- (١) ڪام، (٢) ڪروڌ، (٣) لوڀ، (۴) موهہ ۽ (۵) اهنڪار. اُنهن سان لڙائي ڪريو. انهن کي جو جيتي ٿو، اُن جو اَندر، دل جو شيشو صاف ٿئي ٿو.

اندر نهاريو، اَندر ڇا آهي؟ بيشڪ اَندر منهنجو شيام، اَندر منهنجو رام، اَندر منهنجو ڀڳوان، اَندر اُن جو اَحسان! پر افسوس! پر اُن ساڳئي اَندر آهن طوفان. ڪيڏا نہ طوفان اِڪ اِڪ جي اَندر پيا لڳن! اَسانجو اَندر صاف ڪونهي. اَندر ۾ ڪئن نہ اسان کي وڪار پيا ستائين. اَندر اَندر، وچ دل مندر جت آهي ڀڳوان، اُت آهي شيطان. اِن ڪري اَندر صاف ڪريو، دل جو شيشو صاف ڪريو.

تنهنڪري روز اڀياس ڪريو! سچو ستسنگي اُهو ڪونهي جو فقط ستسنگہ ۾ اچي، ويهي گيت ڳائي، ويهي اُپديش ٻڌي : پر سچو ستسنگي سو، جو جنگہ جوٽي ۽ پنهنجي دل جو شيشو صاف ڪري!

بيشڪ اڀياس ضروري آهي، پر گروءَ جو سنگہ ڪمائڻ بہ ضروري آهي. سنتن جو سنگہ ئي اوهان جي زندگيءَ ۾ بندگي

(٧)

جيون جو مقصد

سوال :- جيون جو مقصد ڇا آهي؟ اَسان کي هيءُ جيون مليو ڇو آهي؟

جواب :- اِن سوال جو جواب شري ڪرشن اِڪ اکر ۾ ڇوي ٿو :- "يوڳ". جيون مليو آهي "يوڳ" واسطي. "يوڳ" ڇا آهي؟ يوڳ آهي ميلاپ، پريوءُ سان ميلاپ. جدائيءُ ۾، افسوس! رهن ٿا لوڪ ويچارا، پريوءُ کان پري! جيون مليو آهي ميلاپ واسطي. اوهين، پيارا! وڇڙيل آهيو ۽ تنهنڪري آهيو دکي. وڇڙيل آهيو، ڇو تہ اوهان آهي وساريو. اچي پنهنجي سائينءُ کي، پريوءُ کي، پنهنجي شيام کي ملو. اهو "ميلاپ" اَٿو "يوڳ".

سوال :- اِهو ميلاپ ڪئن ٿئي؟

جواب :- (١) پهرين ڳالهہ هيءُ تہ ڪنهن نہ ڪنهن ستپرڪ جو سنگ ڪريو! ستپرڪ کي چون "گرو". ڪو سچو گرو، ڪامل مرشد ڳوليو ۽ اُنجو سنگ ڪمايو. ڪو ڄاڻو ڪپي، ڪو پريوءُ جو پيارو، ڪو سچو گرو، جنهنجي سنگ ۾ رهون ۽ ويهي ويهي اِڪ سياڳي ڏينهن مهر جهپيون ۽ پرم منزل پايون.

(٢) ٻي ڳالهہ ڪهڙي؟ ڪي ساڌنائون ڪريون، اڀياس ڪريون. گروءُ جي سکيا جو عمل، اڀياس ڪرڻ ضروري آهي.

سوال :- گيتا ۾ بہ زور اڀياس تي ڏنل آهي. ڪرپا ڪري

پيا ڦرون؟ سنسار چڪر ۾ ڦري ڦري بيزار پيا ٿيون : ڇو؟ اسانجي اندر چاهنائون، ترشنائون آهن. سچو گرو سڀ چاهنائون، ترشنائون ڪپي، من کي نرمل ڪري ٿو. پوءِ فقط اندر رهي ٿي اِڪ پياس پريوءَ جي درشن واسطي. سڀ اِڇائون سنسار جون هليون وڃن ٿيون، پئسي لاءِ چاهہ، مان شان لاءِ چاهہ، عهدي اقبال لاءِ چاهہ. اهي اِڇائون، ترشنائون سڀ هليون وڃن ٿيون ۽ من ٿئي ٿو "اَچاهہ" (desireless)! ۽ جڏهن من اچاهہ ٿئي ٿو تہ دل جي درپن ۾ ڪلي ٿو درشن ديدار! دل اندر چمڪي ٿو عجيبن جو اِسرار!

آٽيندو !

مان جڏهن پٽيالي ڪاليج ۾ ڪم ڪندو هوس، تڏهن هڪ دفعي پٽيالي جي مهاراجا سان مليس. مهاراجائن سان ائين نہ ملبو آهي. مون کي منهنجي هڪ دوست ٻڌايو تہ "مهاراجا وٽ وڃين تہ ٽي ڳالهيون ڪج :- (١) پهرين تہ ٽوپلو يا پٽڪو پائي وڃج. مون چيو ٽوپلي کان تہ پٽڪو بهتر. (٢) ڪانہ ڪا سوغات کڻي وڃج. هڪ گني کڻي وڃج. مون گني ٻہ هٿ ڪئي. (٣) ٽيون تہ جڏهن مهاراجا سان ملندين، تڏهن هو توکان پڇاڙيءَ ۾ پڇندو تہ گهر جيڪي توکي کپي. سو تون ٻيو ڪجهہ بہ نہ گهرجانس، فقط چئجانس تہ سائين، مونکي اجازت ڏيئي ڇڏيو تہ جنهن وقت بہ مونکي ڪاليج جي سنبنڌ ۾ ڪجهہ بہ پڇڻو هجي تہ مان توهان وٽ اچي سگهان، چو تہ جي ملڻ جي موڪل ملي تہ حال احوال ڪنهن بہ وقت پيو ڏبو ونبو."

پيارا ! توهين بہ ڪنهن ستپرکہ سان سنبنڌ رکو تہ اُن جي پٺ نہ ڇڏيو. ستپرکہ جو سنگہ سڀ ڳالهيون جيون ۾ آڻندو. شري چئتنيہ مهاپربوءَ کان سندس شش ڇا ٿو گهري ؟ نہ ڌن دولت، نہ سورڳہ نہ مڪتي، پر چويس ٿو :- "ستگرو ! هڪ وچن ڏيو تہ جت بہ توهين هجو اُت مونکي پنهنجي چرنن ۾ نواس ڏجو !" توهين بہ پيارا ! ڪنهن نہ ڪنهن ستپرکہ جو سنگہ ڪريو تہ لنگهي پوندا پار !

سوال :- سچو گرو پنهنجي شش لاءِ ڪهڙو ڪم ڪري ٿو ؟ جنهن کي چرنن ۾ قبولي ٿو، جنهن کي شش ڪري، ان لاءِ ڇا ٿو ڪري ؟

جواب :- اِڪ وڏو ڪم ڪري ٿو تہ من کي ڪري ٿو "اَچاهہ". من جون "چاهنائون" سڀ ماري ٿو. ڪئن ئي اسين چڪر ۾

شڪتي ڪلي ٿي!

سچو ست سنگ اُت آهي، جت گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪانڪي، هڪ پياسي، هڪ پريو⁴ جو پيارو آهي.

"ست سنگ" معني "ست جو سنگ." ست سنگ اِنهي⁴ ۾ نہ آهي تہ اَسين ويهي دهل وڄايون يا سرندا ۽ سارنگيون وڄايون. جي ڪو ست پرش نہ آهي تہ اُت ست سنگ نہ آهي.

سوال :- ست پرش جو سنگ ڇو ضروري آهي؟

جواب :- اڄ ڪلهہ ڪن جو هڪ ويچار هي آهہ :-

Theory of human radiation ; اِنهي⁴ جو مطلب ڇا آهہ؟ هڪ هڪ اِنسان مان روشني⁴ جون لهرون پيهون نڪرن. روشني⁴ جي لهرن ۾ اَسين رهون ٿا. هن مڪان جي هڪ هڪ پٽ مان لهرون پيهون نڪرن. اِها روشني جهڪي آهي. ڪپهہ مان، لوهہ مان، پستڪن مان، هڪ هڪ پدارٿ مان، جو اَسين ڪم ۾ ٿا آڻيون، ڪرسين مان، بينچن مان، دلن مانُ، برتنن مان لهرون پيهون اَچن. اوهين رهو ٿا لهرن جي دنيا ۾! تنهنڪري پراچين پارت جي رشين سڪيا ڏني تہ "سنسار ساگر آهي؛ ساگر آهہ لهرن جو مڪان ۽ سڄي دنيا آهي هڪ سمنڊ." اوهين پيا سمجهو تہ هي⁴ پرٿوي پڪي آهي. اِئين نہ آهي. هي⁴ Solid earth پڪي نہ آهي. سائنسدان ٻڌائين ٿا تہ ڀرين ساگر هو؛ پو⁴ پاڻي⁴ جو هڪ حصو ويو سڪندو! پاڻي⁴ منجهان ڌرتي اُٿي. اُنهي⁴ ڌرتي⁴ تي اوهين رهو ٿا. هي⁴ زمين ٻہ آهي لهرن مان ٺهيل. جت وڃو، اُت لهرون ئي لهرون. جڻن هڪ هڪ شي⁴ مان لهرون ٿيون اُچن، تئن هڪ هڪ اِنسان مان پيا ڀرورا اُچن. هڪ هڪ اِنسان مان روشني⁴ جون لهرون اُچن ٿيون. جن ڪي چون Human Radiations ; هڪ هڪ اِنسان مان ڪرڻا ٿا نڪرن.

(٨)

ست سنگہ جي مهما

سوال :- ست سنگہ ڇا آهي ؟

جواب :- ڪيترا سمجهن ٿا تہ ست سنگہ هڪ ميٽنگہ آهي، جت ڪي وڃي ليڪچر ڏين. سچو ست سنگہ اُت آهي، جت روحاني شڪتي ملي ٿي. اُن لاءِ ليڪچر ضروري نہ آهي. اَڄ ڪلهہ سنستائن ۾ زور آهي ليڪچرن تي. هن اَسان جي ست سنگہ ۾ تقريرن تي زور ڪين آهي. اَسان جي ست سنگہ ۾ ٻچاڙيءَ جا فقط ڪي منٽ اُپديش ۾ خرچ ٿين ٿا : ۽ اُپديش ليڪچر نہ آهي. ست سنگہ لاءِ ضروري آهي تہ اسان ڪي روحاني شڪتي ملي! ڪٿان ملي؟ ست پرش جو سنگہ ڪپي.

ڪلڪتي ۾ ڪي صديون اڳي سنت ڪيشب چندرسين ست سنگہ هلائڻ لڳو. ڪيترا چوڻ لڳا تہ "هي ست سنگہ ڇو ٿو هلائي؟ هن جو جنم ٿيو ڪايسٿ ڪل ۾، نہ براهمڻ ڪل ۾. هنڪي ست سنگ هلائڻ جو اڌڪار نہ آهي." پر هن پريوءَ جي پياري ماڻهن جو خيال ڪيو ڪين : هي ست سنگہ هلائڻ لڳو. سنت پلٽوءَ سان بہ اِها ساڳي تڪليف ٿي. چيائون تہ "هي برهمڻ ڪل جو نہ آهي، تنهنڪري هن ڪي ست سنگہ هلائڻ جو اڌڪار نہ آهي." پر پلٽوُ ست سنگہ هلائيندو هليو. سچو ست سنگہ اهو آهي، جنهن ۾ ذات پات جو ڀيد نہ آهي. هن اَسان جي ست سنگہ ۾ غريب نماڻا بہ اچن ٿا، پر جيڪر وڏيڪ اَچن. جيڪر هت هريجن اَچي اَسان ڪي آسيس ڏين! جت پريم آهي اُت

وشنيءَ جا ترورا پيا نڪرن. اُهي ونئي اَسين پاڻ کي پوتر
ڪريون ٿا.

اِئين نرمل ٿي ڪريون اِشنان، تہ اسان تي ٿئي الکہ جو
حسان! سچو ستسنگہ اُت آهي جت اهڙي ڪنهن پرش جي
سيس آهي. سچو ست سنگہ اُهو نہ آهي جت اَسين ڪي اکر
ڻون، پر جت اَسان کي روشنيءَ جون لهرون ملن، جت آتمڪ
ڪتي ملي! اهڙيءَ شڪتيءَ بنا اَسان جو اُڌار ڪونهي!

سوال :- اوهان ست سنگہ جي ڪيڏي نہ مهما ٻڌائي
ھي : ڪرپا ڪري جيڪر ست سنگہ بابت ڪجهہ وڌيڪ ٻڌايو.

جواب :- هڪ وڏو ودوان هو ; اِڪ شهر ۾ اچي ٿو ; ۽ اُت
چي هڪ اسڪول ڪولي ٿو. ١٥ سالن جي آزمودي ۽ محنت ڪان
ءَ چوي ٿو :- "ڇا ٿيو ؟ اسڪول تہ مون ڪوليو ، پر ڇا ٿيو ؟"
دوان هو ، پر اپياسي ستسنگي ڪين هو. هن پياري جون وڏيون
يدون اسڪول ۾ هيون. ١٥ سالن ڪان پوءِ چوي ٿو :-

"ڪم ڪيم، پر ٿيو اَجايو،
ڪشالو منهنجو ، ڪين ٿيو سجايو !"

منهنجا پيارا ياءُ! تنهنجو ڪشالو سجايو ڪين ٿيو ڇو تہ
ن فقط ودوان هئين. ٿوري وقت ڪان پوءِ ساڳئي ديش ۾ اچي
هڪ بيو ، جو پريوءَ جو پيارو ، اَپياسي ستسنگي، اِڪ يڳت
. بيشڪ هن پياري کي وڏي وديا هئي، پر وديا سان گڏ ڪيس
پيار ستسنگہ واسطي ، هري نام واسطي. هن ساڳئي نگر ۾ اِن
اسيءَ اچي ستسنگہ ڪوليو. ستستگہ جو پرڀاو ويو وڌندو.
ر ، پينر پري ڪان پنڌ ڪري هن ستسنگہ ۾ ٿي آيا ، اچي هن
پرڪہ جا وچن ٿي ٻڌائون. گڏ گڏ ٿيا ! هن پياري بابت ڇا
ائون ؟

ڪي ڪي ماڻهو آهن جن ڪي ڏسون تہ وٺن پيا. اُنهن مان نڪرن ٿيون سندر لهرون. ڪو شاهوڪار آهہ، ودوان آهہ، پر اَسان ڪي وٺيئي ڪونہ. اَچي ڳالهائي، اَسان سان وهنوار رکي، پر اسان ڪي وٺيئي ڪونہ. ست پرشن مان نڪرن ٿيون سندر لهرون. ست پرش ڪو اَچي وهي، ڳالهائي يا نہ ڳالهائي، پر اَسين چئون تہ جيڪر اُن جو درشن ڪريون!

سنت جو درشن ملي تہ ڪيڏو نہ خزانو ڪلي! ست پرشن مان نرمل شڪتي پيئي نڪري. هڪ هڪ پياسي ڪانڪي آهي، magnetism جو پنڊار. هڪ هڪ پريو؏ جي پياري ڪي اِها شڪتي آهہ. هڪ هڪ مان نرمل شڪتي پيئي نڪري.

سچو ستسنگ تنهنڪري اُهو آهہ، جنهن ۾ ڪو نہ ڪو پريو؏ جو پيارو آهہ. جي اُن جو درشن ڪريون تہ شڪتي؏ جون لهرون وٺون.

سنت گوتم جو نالو لوڪن ۾ پرسڌ هو. راجڪمار، راجا جو پتر، محلات ڇڏي، درويش جي ڪپڙن ۾ پئي گهميو. سندس پير مٽي؏ ۾ ميرا، ماڻهن ڪي عجب تہ هي ڪهڙو اِنسان جنهن ڇڏي اَميري ۽ پاتي آهي فقيري! ڪٿ بہ خبر پوي تہ هي سنت آيو آهہ، تہ اُت ماڻهو پري ڪان ڊوڙون پائي اَچن. ڇو؟ چي :- "اَڄ اَسان وٽ سنت پڌاريا. اڄ مها منگل! موري گهر سنت پڌاريا!" سو سڀاڳو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن سنت جو درشن ملي! پائر ۽ پينرون درياهہ ۾ ٽپا ڏين ٿا! ڇا جي واسطي؟ چون ٿا تہ "پرين؏ ير آيو آهي گوتم : ندي؏ جي ڪناري تي باغ آهي، اُت سنت پڌاريا آهن." گوتم پيدل پيو وڃي. اُت ڪلاڪ مس ٽڪي؛ ٽپو ڏيئي، ندي پار ڪري وڃي سنت گوتم جو درشن ڪريون. اُت وڃن ٿا! ٿورا منٽ درشن ڪري موٽن ٿا. ست پرش مان

زبردست آهه ته ڪنهنجي پرڪرتيءَ ۾ ڪاوڙ، ڪنهنجي پرڪرتيءَ ۾ لوڀ. ڪو ٿوري ٿي پئسي جي لالچ ۾ ڪري پوي ٿو؛

پر جڏهن هو ڪنهن ستپرڪ جي سنگ ۾ اچي ٿو ته سندس پرڪرتي وجي ٿي بدلبي.

سوال :- ڪٿن جيون ناهيون؟ گروءَ بنا گت ڪونهي: گرو ڪٿن ڪجي؟

جواب :- جيون ناهڻ لاءِ مالڪ جي مهر ڪپي! گرو ڪرپا ڪان سواءِ جيون نٿي نهي. پر گرو ڪرپا تن ڪي ٿي ملي جي نئڙت ۾ تا هلن. پهريون پهريون ساڌن آهه حليمي. پر اَڄ ڪٿي آهن اهڙا شش يا جڳياسو جي نئڙت جي ڀاو ۾ اَچن؟ گرو ويچارا سچي شش لاءِ ڳولائو. پراچين زماني ۾ گر ڀڳتي گهٽي هئي. ڪٿن نه رشين جي آشرم ۾ جڳياسو وجي رهندا هئا! اَڄ ڪٿي آهن اَهڙا آشرم؟

اسان جي ڏينهن ۾ مائٽن لاءِ به شرڌا هئي. اَڄ ڪلهه اَها شرڌا ڪٿي؟ ننڍا پڙهيل وڏن جي ڏاڙهي پٽ پيا ڪن. مان پروفيسر هوس. گروءَ اڳيان هٿ ٻڌي بيهندو هوس! اَڄ ڪلهه گر ڀڳتي ڪٿي؟ منهنجي ڪم ۾ ڪا چوڪ ڏسندو هو ته مونکي چوندو هو "بوڪا!" انهيءَ اکر "بوڪا" جي معني آهه "بيوقوف." پر مان پيو مشڪندو هوس! گروءَ چيو: اَن جو ٿورو ئي دل ۾ ڪبو؟ اِهو آهه جيون جو بنياد، ڪو نه ڪو ڀُوليو. جنهن جي حڪم ۾ هلو. اِئين ڪرڻ سان من مري ٿو. ۽ جيسين من نه مئو آهه تيسين ڀيا ساڌن سڀ اَجايا آهن.

هڪ دفعي گرو مونکي چوي ٿو :- "تون ويهه ڪرسيءَ تي مان وهان هيٺ." مونکي ڏپ به پيو ٿئي، پر ڪير جو گروءَ جو

"اَڇي هن پياري، آهي آڳہ اُتاري :
جوت جاڳي آهي، ڇوڏاري، ڇوڏاري!"

اِئين پيا لوڪ چون ۽ پيا ٽرن. بيشڪ، سچو ستسنگہ آهہ اِڪ آڳہ ۽ جنهن نگر ۾ اِها آڳہ اُٿي سو نگر سياڳو!

سوال :- ستسنگہ بابت ٻڌون ٿا : دل ڍاپي ئي نٿي. جيڪر ڪجهہ وڌيڪ ٻڌايو.

جواب :- ٻہ سنگہ آهن :- (١) هڪ سنساري سنگہ ۽ (٢) ستسنگہ. اِڪ اِڪ سنگہ پنهنجو رنگہ لڳائي ٿو. جهڙو سنگہ تهرو رنگہ! سنسار جي اَثر هيٺ اسان تي سنساري رنگہ چڙهي ٿو. جو ستسنگہ ڪمائي ٿو اُهو هڪ ڳالهہ ڏسي ٿو تہ ڪٿن نہ اُن جي جيون وڃي ٿي آهستي آهستي بدلبي. اسان جي جيون بدلجي ٿي جڏهن ڪنهن ستپرڪہ جي سنگہ ۾ اچون ٿا.

سوال :- جيون ڪٿن ٿي بدلجي؟

جواب :- پهرين ڏسو اسان ڪي ڪي عادتون آهن. اُهي عادتون اسانجون بدلجي وڃن ٿيون، جڏهن اسين ڪنهن ستپرڪہ جي سنگہ ۾ رهون ٿا. هڪ وڏي ودوان ڪان پڇائون :- "اِنسان ڇا آهي؟" هن چيو تہ "اِنسان آهي عادتن جي ڳوٿري." عادتن ڪانسواءِ هڪ ٻي ڳالهہ آهي : اُن کي چئون "پرڪرتي". اِنسان کي ڪانہ "پرڪرتي" آهي. "پرڪرتي" معني "سڀاو". ڏسو ڪنهن جو سڀاو آهي تہ جلدي ڪاوڙ ۾ پرجي وڃي. ڪنهن ٻئي جو وري سڀاو آهي تہ اُن کي جلدي ريس اَچي وڃي. ڪنهن ٻئي جو وري سڀاو آهي تہ ٿوري گهٽي ڳالهہ تي دشمن ٿي پوي. ڪنهن جو سڀاو آهي تہ ٿوري گهٽي ڳالهہ تي اَيمان ۾ پرجي وڃي. جدا جدا قسمن جا وڪار اِنسان کي هلاڪ ڪن ٿا. اِڪ اِڪ کي پنهنجي پرڪرتي آهہ. ڪنهنجي پرڪرتيءَ ۾ اَيمان

(۹)

سمرن ڇا آهي ؟

سوال :- سمرن جي مهما ڪيڏي نہ ڪٿي ويئي آهي : ڪرپا ڪري ٻڌايو تہ سمرن، "ياد ڪرڻ" ڇا آهي ؟

جواب :- اِڪ اکر، اِڪ اسم، اِڪ منتر جو گروءُ وٽان ملي ٿو يا ڪو بہ ستپرڪ ڏيئي ويو هجي، سو شل نہ وساريو ! هن ست سنگ ۾ اسين هي منتر وري وري اُچاريندا آهيون :-

"هري رام هري رام، رام رام هري هري،
هري ڪرشن، هري ڪرشن،
ڪرشن ڪرشن هري هري !"

بيا بہ منتر آهن. پر ڪافي ڪونهي تہ اوهين ڪو منتر فقط ستسنگ ۾ اُچاريو : ضروري آهي تہ اوهين اُهو منتر وري وري اُچاريو. ضروري آهي تہ جو منتر مونکي ستپرڪ وٽان مليو هي، سو وري وري ياد ڪريان. ڪيترا دفعا مان گهر کان ٻاهر ڪران، پنڌ ڪريان، دل اَندر وري وري پيو منتر اُچاريان. ءُ نتر اُهو اُچاريو جو اوهان کي پيارو هجي ! "رام"، "شيام"، ستنام" يا "واهگرو"، کهڙا نہ مٺا اکر آهن ! ڪو نہ ڪو سندر، نو، منتر اوهين روز ياد ڪريو. ستسنگ کان ٻاهر وڃو، گهر جو، سانت ۾ وڃو : ڪو نہ ڪو مٺو منتر پيا اُچاريو !

اِڪ سنت جي ڳالهہ آهي : هنجي جيون عجيب هئي ! هي نت جا شش هن وقت ڪروڙن ۾ آهن. ڪيترا چوندا هئا تہ "هيءُ

حڪم موتائي!

من مرندو ٿي ڪونہ جيسين گرو شيوا ۾ گروءَ جي حڪم ۾ هلڻ نہ سڪندو. شيوا بہ اَجائي آهہ، جيسين حڪم ۾ نٿو هلجي.

تنهنڪري هن راهہ ۾ يڪدم نہ اَچجي. پل نوڪري چاڪري ڪري نوڪرون ڪائجن ۽ من کي ٿورو گهٽو ماري پوءِ هن راهہ ۾ اَچجي. جيون جو پهريون ٿي پهريون ساڌن آهہ نٽڙت.

۽ اکرن ۾؟ هي سنت ٻہ چار اکر چويتو ۽ هنن ٻنهي ڀائرن ڏي نهاري ٿو: پوءِ ڇا ٿو ٿئي؟ عجيبن جو اِسرار! ٻنهي لکاپتين جي دلين تي رنگ لڳي ٿو. ٻئي روئندا روئندا سنت جي نزديڪ اچن ٿا، اچي سنت جي چرنن ۾ ڪِري پون ٿا ۽ چون ٿا تہ "سائين اَڄ ڏينهن کان وٺي اَسين آهيون اوهان جي در جا بکاري. اَءِ سنت سچا! اَسان کي پنهنجي چرنن ۾ کر قبول! سائين اِسان کي سکيا ڏيو ۽ اَسان کي حکم ڪريو."

تڏهن سنت چوي ٿو :- "پيارا! توهان ڪيترو نہ پاپ جو ڌن کٺو ڪيو آهي. اِهو ڌن وڃي خرچ ڪريو غريبن جي شيوا ۾. پوءِ وڃو بندرابن ۾، جت شيام پنهنجي ليلا لڳائي، جت ڪنج نکنج ۾ شيام پنهنجي بنسري بجائي! اُت وڃي توهين شيام جون ڳالهيون ڪٺيون ڪريو ۽ شيام بابت لکو! هيءُ منتر مان اوهان کي ڏيان ٿو :- "شيام! شيام! شيام!" اهو منتر وٺي ٻئي ڀائر برندابن ۾ وڃن ٿا، نماڻا سادا ٿِي پون ٿا: برندابن ۾ اِڪ جهوپڙيءَ ۾ رهن ٿا ۽ شيام جو سمرن ڪن ٿا ۽ شيام جي ڌيان ۾ پنهنجي جيون سڦل ڪن ٿا!

سوال :- سمرڻ، ياد ڪرڻ، ڇا آهي؟ ياد ڪرڻ اهو آهي ڇا تہ اسين فقط اکر اُچاريون؟

جواب :- اِڪ ڀيڻ کي مون ڏٺو تہ گهر ۾ ويٺي آهي ۽ ويٺي اِڪ منتر اُچاري. گهر ۾ سندس ننڍو ٻالڪ ڪيچل ڪري ٿو ۽ هيءُ ڀيڻ يڪدم غصي ۾ ڀرجي وڃي ٿي. اِهو "سمرن" ڪونهي. "سمرن" جو مطلب اِهو ڪونهي تہ توهين فقط ڪي اکر اُچاريو. "سمرن"، "ياد" آهي تہ اکرن ۾ وجهو پيار. ياد ڪريو پر پيار سان! سلٖت، ست پرڪہ، اُن کي ڪوٺين "ڀڳتي." جت ڀڳتي ناهہ، اُت سچو سمرن ناهہ. سمرن ڪريو، ياد ڪريو، پر پنهنجي ياد ۾

پيارو هو شيام جو روپ." "شري ڪرشن." - اهو اِڪ اکر جڏهن اُچاريندو هو تہ سندس اکين ۾ ايندو هو پاڻي. عجيب هنجي جيون هئي.- عجيب هن جا اکر، عجيب هن جون اکيون! ڪيڏي نہ پيار مان ياڪر پائيندو هو! ڪيڏي نہ پيار سان بينگال جي گلين مان لنگهندو هو ۽ چوندو هو :- "هري بول، هري بول، هري بولو ڀائي." ۽ ڪيترا دفعا هيءَ سنت هي منتر بہ اُچاريندو هو :- "شيام، شيام، شيام!"

هڪ ڏينهن وڃي ٿو اِڪ باغ ۾. باغ ۾ گل ڏسي ٿو، جن مان ڪي آهن نيلي رنگ جا گل. نيلا گل ڏسي ڪيس يادگيري پوي ٿي تہ "نيلي رنگ جو تہ منهنجو شيام آهہ." نيلن گلن ڏي نهاري ٿو : شيام اچي ٿو سندس نيڻن ۾ نچي! شيام کي دل ۾ ياد ڪري هيءَ پيارو زارون زار روئي ٿو. عجيب پيار هو شري چئتنيہ کي شيام جي واسطي! اِڪ ڏينهن ڏسي ٿو آسمان ۾ ڪڪر نيلا : ۽ هن جي اَندر اَچي ٿي شيام جي يادگيري : سندس اکين ۾ پاڻي اچي ٿو، زارون زار روئي ٿو.

اِڪ ڏينهن هيءَ سنت، شيام جو روپ، پريوءَ جو پيارو، هڪ گهٽيءَ کان لنگهي ٿو : وڏو سرگس آهي ۽ هيءَ سنت پيو پڪاري، پيو ڳائي، پيو اُچاري هيءَ هڪ منتر :- "هري بول، هري بول." اهي اکر بہ ماڻهو ٻڌن ٿا : ٻئي شاهوڪار پر مغرور ; ٻئي ڀائر لڪاپتي، پر ڪڪرمي : غريبن کي ڏک هڻن، ڇوڪرين جا مٽيا ڪسي وڃن. هنن کان لوڪ ڊڄن پيا. مغروريءَ ۾ وڃن وڏندا.

هڪ ڏينهن هي ٻہ ڀائر سنت جا اکر ٻڌن ٿا. هن جي اکرن ۾ ڇا آهي؟ ڪهڙي اُڪير آهي سنتن جي ٻاڻيءَ ۾؟ ڪهڙي ڇڪڻ جي شڪتي آهي سنتن جي وچنن ۾؟ ڇا آهي سنتن جي اکين ۾

اَچن ٿيون روشنيءَ جو لهرون." اِها روشني اَٿو پيار جي روشني. اوهان مان هڪ هڪ جي اَندر اهي لهرون آهن، پر افسوس بند آهن. اهي بند لهرون کوليو. هڪ ٻئي کي پيار جون لهرون موڪليو. پنهنجي پريوءَ جو پاڪ نالو اُچاريو پر پيار ۾، اُچاريو ڀڳتيءَ ۾. اِهو اَٿو سچو "سمرن"!

سوال :- نام جپڻ بابت جيڪر ڪجھ وڌيڪ سمجھايو.

جواب :- هڪ مشهور سائنسدان، سر جيمس جينس (Sir James Jeans) هڪ سندر ڪتاب لکيو آهي؛ اُن ۾ پريوءَ جي وڏائيءَ جو ذڪر ٿيل آهي، ۽ سائنس (وديا) جي وسيلي هي قابل عالم، جنهنجو نالو سڄيءَ دنيا ۾ مشهور آهي، ڏيکاري ٿو تہ سڄي سرشٽي اِيشور جي وڏائيءَ جي ثابتي ڏئي ٿي. هي صاحب لکي ٿو :-

"اَڄ سائنس ڏيکاري ٿي تہ سرشٽيءَ جو پرڏان آتمڪ وستو آهي. سرشٽي ڪل وانگر ڪانهي، پر هڪ مها چيتن شڪتي آهي. اُها چيتن شڪتي ڪا اوچتو پرڪرتيءَ ۾ ڏوڪي ڪانہ آئي آهي. پر اَسين گويا هيئن ٿا سمجھون تہ اها چيتن شڪتي پرڪرتيءَ جي بنائيندڙ، ۽ حاڪم آهي.

پريو سڄيءَ سرشٽيءَ جو حاڪم آهي. سندس حڪم ۾ سڄو جڳت پيو کيلي، پيو جھولي، پيو روز روز جي روشنيءَ ۽ رنگن ۾ رڱجي! اهڙي پريوءَ جي وڏائيءَ جو، اَمرت ويلي ويهي ويچار ڪر، پيارا!

نام جپ : نام جپڻ سان ويچار پوتر ٿئي ٿو ۽ دل صاف ٿئي ٿي.

جئن نندو منتر تئن بهتر ۽ اُهو نندو منتر سهوليت سان جپي سگهجي ٿو.

وجهو پيار ، وجهو ڀڳتي اِشٽ ديو ، گرديو واسطي. جن اکرن ۾ ڀڳتي ڪانهي، سي فقط ٻاهريان اکر ، نوٽ اکر آهن. ڪهڙو ٻه سندر منتر ڇو نہ هجي پر جي اُن ۾ توهان پيار نہ وڌو آهہ تہ اوهان "سمرن" ڪين ڪيو ! ڪيترا ڀائر ڀينر آهن جي اکر ڇون طوطي وانگر : تن اکرن ۾ پيار نهي ٿي ڪين. اُهي اکر سائينءَ وٽ قبول ڪين پون ، چاڙهيءَ مٿي ڪين چڙهن.

سمرن تڏهن آهي سائينءَ کي ياد ڪرڻ پيار ۾. پريوءَ جو نالو پڪاريو پيار ۾. اِهو تفاوت آهي اسان جي ۽ سنتن جي وچ ۾. ڪو پريوءَ جو پيارو ڀاڪر جو نالو ڳنهي، اُچاري، چوي :- "شيام! شيام! شيام!" اُن وقت تهاريو ! ڪئن نہ اُن جون اکيون پيبون چمڪن! اُن وقت اُن جو ڪمل مکڙو ڪئن نہ پيو ٻهڪي! اُن پياري جو مکڙو چمڪي ٿو ڀڳتيءَ ۾، پيار ۾. سچو سمرن تڏهن اهو اٿو ! اوهين ٻہ جي چاهيو ٿا تہ سمرن ڪريون تہ پنهنجن اکرن ۾ اوتيو قرب ، پيار.

جنهن ڪوليون آهن اکيون ڀڳتيءَ ۾، جنهن زندگيءَ ۾ وڌي آهي ڀڳتيءَ جي سونهن، اُهو هرهنڌ هڪ کي ڏسي ٿو. پوءِ ڇو ٿا پاٺ ۾ ٽکرو ؟ ڇو ٿا تڪرار ڪريو ؟ ڇو نہ ٿا ستگر جي ساکي ڏيو ! اوهان جي آس پاس پيو موڪلي پيار جون لهرون ؛ اُهي لهرون ڇو نہ ٿا جهپيو !

ڪي سال ٿيا تہ هڪ سائنسدان جرمنيءَ ۾ آيو. اُن ويهي ڪوجنائون ڪيون. ۽ ڪوجنائون ڪري ڪري اُن سائنسدان ڪهڙي ڳالهہ دنيا کي ٻڌائي؟ چيائين تہ -"مون ڪوجنائون ڪيون آهن ۽ اُنهن ڪوجنائن کان پوءِ مان اِن ويچار تي آيو آهيان تہ 'اِڪ اِڪ پدارٿ مان روشنيءَ جون لهرون پيبون اُٿن.'" هن سائنسدان چيو تہ "ڪپهہ مان ٻہ اُچن ٿيون روشنيءَ جون لهرون ، لوهہ مان ٻہ

نہ سمجھو تہ دنيا خالي آهہ. اَسان جي آس پاس آتمائون آهن، فرشتا آهن، ديوتائون آهن. اُهي آتمائون اَسان کي مدد ڪرڻ ٿيون چاهين. اِئين سمجھو ٿا ڇا تہ شري ڪرشن، گرو نانڪ ديو ۽ ٻيا زندهہ نہ آهن؟ اُهي اَسان کي مدد ڪرڻ ٿا چاهين. ستگرو اسان جي آس پاس آهن. اُنهن سان سنبنڌ رکڻ جو رستو اُتو پرارٿنا!

سوال :- پريوءُ جي سمرن مان ڇا ٿو ملي؟

جواب :- سمرن آهي اَندر جو ڌيان (meditation). گرو نانڪ ديو جن سندر اکرن ۾ ٻڌائين ٿا تہ سمرن مان جيون سڦل ٿي ٿئي! ڦل واري! ڪهڙو ڦل؟ ڇا ٿو ملي؟ ۽ اهو سمرن ڪئن ملي؟ جي سمرن ئي ڪونهي تہ ڦل ڪئن ملندو؟ اسان جا ويچار تہ ڊوڙي وڃن ٿا دنيا ڏي : پوءِ سمرن ڪئن اَچي؟ من اُيو ٿي بيٺو آهہ! هاٿيءَ وانگر من ٿونها پيو هٽي! من چنچل، اِٿيون پيو هٽي! هي من گڏهہ وانگر اسان کي ڪيرائي ٿو ڇڏي! ڌيان جا ميوا تہ سندر، پر اَسين ڌيان ڪئن ڪريون؟

ڌيان جي طاقت نہ ڪلندي جي توڪي سنگ نہ آهي! سنگ ۾ تنهنجي سمرن جي طاقت ڪلندي! سنتن جي سنگ ۾ ويهہ! آهستي آهستي من، جو چنچل آهہ، سو استر ٿيندو! هي قانون آهہ :- "جهڙو سنگ تهڙو رنگ!" مون باغ ۾ ڏٺي ڪرڙي سائي! سبب ڇا؟ ڪرڙيءَ ساوڪ جو سنگ ڪيو! تنهنڪري اُن تي سائو رنگ چڙهي ويو. سنگ ڪر پيارا! سنتن جو تہ تنهنجي من تي رنگ چڙهندو ۽ تون ويندين بدلبو! نئون ٿي پوندين سنتن جي سنگ ۾! اڳيون ڪونيون جڏهن ڌهنديون، تڏهن نئين بناوت ٿيندي ۽ نئين جوت جاڳندي! تڏهين تون سچو ڌيان پائيندين ۽ اهو پرم خزانو پائيندين جنهنجو نالو آهي نام!

پريات جو ۴ بجي نام جپڻ ڏاڍو ڦلدائڪ آهي ۽ ڏينهن جو ، جنهن جنهن وقت ڏسين تہ من پنڪي ٿو ، وياڪل ٿئي ٿو ، شيطان ڏي منهن ڪري ٿو ، تنهن تنهن وقت تون نام جپ.

نام جپ ۽ تنهن لاءِ ضروري آهہ تہ ڪنهن سچي ست سنگہ ۾ ويهي ، اندر ۾ نام جپين. جي اهڙو ست سنگہ ملڻ مشڪل ٿئي (اَڄ ڪلهہ گهٽا ست سنگہ تہ ناٽڪن وانگہ راڳن جا گهر آهن) تہ سانت ۾ ڪنهن درياهہ جي ڪپ تي ، نديءَ جي ڪناري تي ، ڊنڍ يا ڪوهہ جي نزديڪ ، پربت جي چوٽيءَ يا چرنن ۾ ، سندر باغ يا سانت واري ڪوٺيءَ ۾ وڃي نام جپ!

ڳوري کاڌي کان پرهيز ڪر. ڳوري پيٽ سان "جپ" ڪرڻ مشڪل آهہ.

نام جپ اندر ۾ ، ۽ اهڙيءَ طرح جو ٻين کي خبر ئي ڪانہ پوي.

شروعات ۾ گهڻو وقت اَندر ۾ نام جپڻ مشڪل ٿئي ؛ تنهنڪري وقت بہ وقت زبان سان بہ نام جپ ؛ پر اهڙيءَ طرح جو گوڙ شور نہ ٿئي. جي جلد واڌارو چاهين تہ پاڻ کي لوڪن کان لڪاءِ ۽ ڪنهن سانتيڪي آستان ۾ ويهي نام جپ.

آهستي آهستي پاڻ کي اهڙيءَ طرح هير ، جو پراڻ پراڻ سان ، پراڻ مٿي چاڙهڻ مهل ، پراڻ هيٺ لاهڻ مهل ، تون پريوءَ کي ياد ڪندو رهين.

نام هڪ ندي آهہ ، جنهن ۾ جو اِشنان ڪري ٿو ، سو پوتر ٿئي ٿو. نام هڪ آگہ آهہ جا سون کي صاف ڪري ٿي. پنج وڪار من جا ، - ڪام ، ڪروڌ ، لوڀ ، موهہ ، اَهنڪار ، - پنج مئل نام جي وسيلي دوُر ٿين ٿا.

نام هڪ پرم شڪتي آهہ. نام جپڻ سان وڏ... د ملي ٿي.

جواب :- هڪ فرشتو. ڪرشن ڪرست ڪرپا سان هن پد تي پهتو آهيان. منهنجو هڪ مکيہ ڪم هن وقت آهہ نوريءَ جي سنڀال، اُن جي ڪم جو رکپال ! ۽ جيڪو بہ مونکي سچيءَ سڪ سان سڏي، تنهن کي ڏيان مان ڀال !

سوال :- هن ڪان اڳي اوهان جي زندگي ڪهڙي هئي، تنهنجو ٿورو ذڪر ڪرپا ڪري ڏيندا ؟

جواب :- منهنجو جنم هڪ ڀيءَ دنيا ۾ ٿيو. اُن وقت بہ منهنجو گهڻو وقت شيوا ۾ خرچ ٿيو. ۽ مون تي نام جو رنگہ بہ لڳو. دنيا جو سنگہ نہ ڇڏيم؛ دنيا ۾ رهي شيوا ڪمايم. پوءِ جڏهن منهنجو مرتيو ٿيو تڏهن ويس ٣ پد ۾! ۽ مان وڏيڪ وڏيڪ سمجهڻ لڳس تہ هي جڳہ سنسار، سگل پسار آهي اِڪ ڪيلا، اِڪ اِڪ جات اَڪيلا ! هڪ ڏينهن ڪرشن ڪرست پد جي سونهن ۽ روشنيءَ جو تيج ڏٺم؛ ڏسي اِسرار عجيبن جو، ڪيترا سال روشني پئي پيتم.

سوال :- منهنجن ستسنگين لاءِ ڪو پيغام ڏيو ؟

جواب :- ستسنگي آواز منهنجا نہ ٿا ٻڌن؛ تون ٻڌين ٿو. ڪين وڏيڪ ٻڌاءِ ۽ ڪين وڏيڪ سمجهاءِ تہ سانت ۾ ڪجهہ وقت روز وهن تہ آواز پروُڙين ۽ روز وويڪ جي حڪم ۾ هلن ۽ پنهنجي وهنوار، ڪم ڪار ۾ ستگر جي ساکي ڏين.

سوال :- روحاني دنيا ۾ هڪ هڪ پد ڪٿن ٿو هلي ؟

جواب :- رحم جي رکيا ۾. هڪ هڪ پد جو رکپال هڪ ديو آهہ. اُن کي سڏين گرديو ! گرديو سکيا ڏئي ٿو، پر اُن سکيا جو پيغام ڪرشن پد يا ڪرست ڌام مان اَچي ٿو. اُن آسيس ۾ آنءُ رهان ٿو ۽ فقيرن، درويشن جي خدمت ڪريان ٿو. اِنهيءَ خدمت، مونتي آندي آهہ رحمت !

(١٠)

ستسنگين لاءِ پيغام

مانڪ چولي ۾ مون هڪ پرپوءَ جي پياري، برهمچاريءَ ڪي بنگال ۾ گرو ڪيو. مانڪ چولي ڪان ٻاهر، روحاني دنيا ۾ ٻ، پرپوءَ جي ديا سان، مون کي گرو مليو. ڪيترا دفعا مان اُن کي ڪوٺيندو آهيان "مرشد" يا "گرديو". وقت ٻ وقت ديا ڪري "مرشد" پيغام موڪلي پيو. هڪ رات جو، ١٢ بجي ڪان پوءِ، مون ڪي سوال ڪانئس پڇيا؛ تن جا جواب مونکي ميڊيمشپ [mediumship] جي رستي مليا. سي سوال جواب مان هيٺ رکان ٿو، نہ سِين لاءِ، پر تن پاٺڪن لاءِ جن جو چاهہ اِنهن ڳالهين ۾ آهہ. روحاني دنيا بابت ٻ جا سکيا مونکي ملي آهہ، سا گهڻي مرشد جي معرفت. جيڪي ڳالهيون هن وقت ڏيان ٿو تن تي، مان چاهيان ٿو تہ پاٺڪ ويچار ڪن ۽ جيڪي ٻ سندن ويچار شڪتي نہ قبولي، سو نہ قبولين.

سوال:- گرديو! هن چانڊوڪيءَ رات جي سانت ۾ مونکي ڪا سکيا ڏيو.

جواب:- اَءِ نوري! نينهن تنهنجو تہ نام سان ئي لڳو:

ڪري ترڪ دنيا، تنهنجو من تہ پڳتيءَ پڳو!
ڪر روز ڪن ڪي ڪرشن ڪرست قدمن تيار:
اُن نام تان تہ نوري! سِي سد ٻلهار!

سوال:- ڪرپا ڪري ٻڌايو تہ اوهين ڪير آهيو؟ ۽ اوهان جو ڪم ڪهڙو آهہ؟

اسانجي سنڌ جوسنت شاعر سامي اِڪ شلوڪ ۾ چوي ٿو :-

"بنا ساڌ سنگت، سامي سڌريو ڪونہ ڪو،
جاڳي ڪيڏ اَندر مون، ٻي سڀ ممتا مت :
پائي گيات گروءَ جي، ڪرين اُپيد ڀڳت،
تہ ساڪي ڏسين ست، چيتي ۽ ڪنچر ۾!"

سامي جن جي هن شلوڪ ۾ نقشو چٽيل آهي اُنجو، جو نئين جيون رهڻ چاهي. گروءَ جو سنگ جيون کي پوتر ڪري ٿو. ٻاهريون سنگ ڪرڻ بہ ضروري آهي، پر تنهن کان وڌيڪ ضروري آهي گروءَ جو سنگ پنهنجي-اندر ڪرڻ. اَندريون سنگ آهي پنهنجي گروءَ جي سکيا گرهڻ ڪرڻ ۽ اُنجي ساکي جيون ۾ ڏيڻ.

هن وقت افسوس! ڪيترا ستل آهن. گرو اچي سجاڳ ڪري ٿو. تنهنڪري گروءَ جو هڪ مکيہ اوزار آهي :- "جاڳو! پياري! جاڳو!"

سوال :- اِهو جاڳڻ ڇا آهي؟

جواب :- سچو جاڳڻ آهي نج گھر جي يادگيري. گرو وري وري پنهنجي جيون ۽ سکيا دواران شش جي دل اندر نج گھر جي يادگيري اُتاري ٿو. گروُ وري وري شش کي چوي ٿو :- "ميري پياري! تون هنس آهين : تو ڇو آهي پنهنجو نج گھر وساريو؟ اُٿ! جاڳ! ڪھڙن نہ مٺن اکرن ۾ سنت ڪبير اِن ڳالھہ بابت اِڪ شلوڪ ۾ چوي ٿو :-

"هنسا سڌ ڪر اَپنو ديسا :
اِيهان آءُ تيري سڌ بڌ بسري، آءِ ڦسي پرديسا!"

هڪ پهاڙ تي بہ يوگي وينا هئا ڌيان ۾: ويٺي پنهنجي اِشٽ جو ڌيان ڪيائون. ٻنهي هڪ ٻئي سان انجام ڪيو هو تہ

(11)

نوجيون

سوال :- نوجيون ڇا آهي؟ نوجيون، نئين جيون ڪئن رهجي؟ هن وقت تہ اَسان جي جيون آهي دنيا جي عيش عشرت، پئسي پدارٿ، مان شان، عهدي اقبال ۾ وجايل. هن وقت اسين ٻاهر مکي آهيون. اَنترمکي ڪئن ٿيون؟ چو تہ اِئين هڪ هنڌ پڙهيم تہ 'نوجيون جو بنياد آهي هڪ ٿيڻ. نوجيون جو بنياد آهي پريو پائڻ، جو اندر ۾ نواس ٿو ڪري.' ڪرپا ڪري ٻڌايو تہ اِن نوجيون لاءِ پاڻ کي تيار ڪيئن ڪجي؟

جواب :- نوجيون جو بنياد آهي سنگ. سنگ تي اسانجي پراچين شاسترن ۾ ۽ رشين جي سکيا ۾ ۽ گرباڻيءَ ۾ زور ڏنل آهي. چوندا آهن تہ "سنگ تاري، سنگ ٻوڙي." هڪ سنگ جيو کي تاري ٿو ; هڪ سنگ جيو کي ٻوڙي ٿو. پهرئين قسم جي سنگ کي گرباڻيءَ ۾ چون "ساڌ سنگ: ۽ ٻئي سنگ کي گرباڻيءَ ۾ چون "ڪسنگ". کهڙن نہ مٺن اکرن ۾ گرو ارجن ديو هڪ هنڌ ساڌ سنگ جي مهما ڪري ٿو. اِڪ شلوڪ ۾ چوي ٿو :-

"مهما ساڌو سنگ ڪي، سنو ميري ميتا :
مئل کوئي، کوٽ اگهہ هري، نرمل ڀئي چيتا."

گروجن چون ٿا :- "پيارا! ساڌوءَ جي سنگ جي مهما ڪيڏي نہ وڏي آهي! ساڌوءَ جو سنگ من جي مئل لاهي ٿو، ڪوٽ جنمن جا پاپ دور ڪري ٿو، ۽ چت کي نرمل ڪري ٿو."

هڪ نوٽبڪ رکي جنهن ۾ پنهنجا ويچار ۽ آچار وجي لکندو. پنهنجا سپنا ٻہ لکي تہ ڪيس خبر پوندي تہ سندس اندر ۾ ڪهڙا وڪار پيا اڇن. سپنا اُنتهہ ڪرڻ جي آرسي آهن. سپنن جي سنڀال ڪرڻ گهرجي. هڪ وڏيڪ هيءَ ڳالهہ خيال ۾ رکي تہ سمهڻ کان اڳي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ سانت ۾ وجي ۽ اُن وقت ٻاڻيءَ جو پاٺ ڪري يا ڪنهن نہ ڪنهن سوتر جو وري وري اُچارڻ ڪري يا ڌيان ڪري يا نام جو سمرن ڪري : اِئين ڪرڻ سان سندس سپنا بهتر ٿيندا.

روز روز پاڪي جاچي تہ سندس اندر، گهٽ ۾ گهٽ ٻن گڻن، - ديا ۽ پيار، جي روشني وڌندي وجي ٿي يا نہ. ۽ جنهن جي جيون ۾ ديا ۽ پيار جي روشني پرڪاش ٿي آهي، اُن جي اِڪ مکيہ نشاني آهي نئڙت، نمرتا. روز روز پريوءَ جي در پرارٿنا ڪري :- "پريو! مون کي آسيس ڪر تہ شل مان نمرتا جي گڻ ۾ وڌندو رهان."

سوال :- ديا جو گڻ ڇا آهي؟

جواب :- ديا آهي سين ۾ هڪ ڏسڻ ۽ هڪ ڏسي غريبن دکين، پسن ۽ پکين جي شيوا ڪرڻ. اِڪ ستپرڪہ سپني ۾ ڏسي ٿو تہ هو وجي سرڳہ جي دروازي تي بيٺو آهي. ۽ اُتي ڏسي ٿو تہ سرڳہ جي دروازي تي هڪ فرشتو بيٺو آهي، جو سيني کان پيو پڇي :- "پيارا! پاڻ سان ڪهڙي سوکڙي آندي اٿيئي ستگر جي دربار ۾ اچڻ واسطي؟"

هڪ ودوان ستپرڪہ سرڳہ جي دروازي تي اچي ٿو ۽ چوي ٿو :- "اَءُ فرشتا! ڏينهن رات مون شاستر پڙهيا آهن : شاسترن جو ابياس ڪيو اٿم."

فرشتو چويٿو :- "ترس تہ مان ڏسان تہ تو شاستر ابياس

جي هڪ جو پير ڪسڪي وڃي تہ ٻئي جو فرض آهي تہ اُن جي سهائتا ڪري. اوچتو ئي اوچتو هڪ ڏينهن هڪ يوگي اُنهن مان مرڻ ڪنديءَ تي اچي بيٺو آهي ۽ اُن وقت هڪ استري ڏسي ٿو. اُن اِستريءَ ڏانهن هن يوگيءَ جو من ٻوڙي وڃي ٿو ۽ اِن ويچار ۾ هن جو مرتيو ٿئي ٿو. ٻئي جنم ۾ هڪ راڻي ٿئي ٿو. هن راڻيءَ جو پنهنجي پتيءَ سان ڏاڍو پيار. اِئين سائين جو حڪم هو تہ هڪ ڏينهن اوچتو راجا جو مرتيو ٿئي ٿو. بس! راڻيءَ کي ويراڳ لڳي ٿو. پنهنجو محلات ڇڏي اچي هڪ جهنگل ۾ رهي ٿي. اُتي هڪ هرڻي ڏسي ٿي. اچي اُن هرڻيءَ سان سندس پيار لڳي ٿو. هرڻيءَ جي روز سنڀال ڪري : ڪيس روز ڪارائي پيئاري. ائين روز هرڻيءَ جوسنگ ڪندي ڪندي هن راڻيءَ جو ديهانت ٿئي ٿو ۽ ٻئي جنم ۾ هيءَ راڻي، جا هڪ جنم ۾ يوگي هئي،هاهرڻي ٿي پوي ٿي. هيءَ هرڻي جا هڪ وقت راڻي هئي، هينئر ويچاريءَ اهو پنهنجو روپ وساري ڇڏيو آهي. هيءَ هرڻي هڪ ڏينهن ٽپندي ڪڏندي اچي انهيءَ يوگيءَ وٽان لنگهي ٿي، جو هڪ وقت سندس ساٿي هو. يوگي هن هرڻيءَ جي اکين ۾ نهاري ٿو ۽ چوي ٿو :- "اَڙي! هيءَ تہ ساڳيو يوگي! هڪ وقت منهنجو ساٿي هو." اُٿي ٿو. هن هرڻيءَ ڏي نهاري ٿو. هرڻيءَ جي مٿي تي هٿ ڦيرائي، چوي ٿو :- "منهنجا پيارا! تنهنجي هيءَ حالت. ڪر ياد، تون ڪير؟ تون تہ يوگي آهين. اُٿ جاڳ!"

گرو وڏيڪ هينئين ڳالهين تي زور ڏئي ٿو. هڪ ضروري ڳالهہ سچي شش لاءِ آهي تہ روز پاڻ کي جاچي (Self-Examination). رات جو سمهڻ کان اڳي پنهنجي ڏينهن جي ڪم ڪار جو ويچار ڪري ۽ ڏسي تہ ڪي اهڙا تہ ڪم ڪين ڪيا اٿس جي ڪيس نہ ڪرڻ کپندا هئا ; تنهن لاءِ ضروري آهي تہ

جي دربار !

درد دل جا دفتر، ويهي سي پڙهياسين ؛
جانب جلالهوءَ هوءَ جي جيءَ ۾ جڙياسين !
وري پوءِ ورياسين :
عشق جي دربار ۾ !

وجي اُت ويناسين، آ ! ڪنڊڙيءَ لڪل،
نهاريوسين وَر وَر، دلڙي پنل،
ڪليو گل ڪمل :
عشق جي دربار ۾ !

ٻڌيونسين ٻڌيونسين، اُت سڪ جون ستارون،
وڄيون محب مرليون، توتاريون،
مليونسين نهارون :
عشق جي دربار ۾ !

سهٽي ٿالهي، جڙهيل جنهن ۾ موتي،
عجيبن جو اِسرار، اُن ۾ آهي اوتي،
عجيبن جي جوتي :
عشق جي دربار ۾ !

چيائون :- 'تون وڃ موتي، ڳجهارتَ نہ کول :
دنيا دکيءَ ڪي، اکر اِڪ تون ٻول :
پوءِ نوري توڪل تون تول :
عشق جي دربار ۾ !

پريوءَ جي پيار ۾ ڪيو يا دنيا جي مان شان هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيئہ؟"
وري هڪ ٻيو اچي ٿو: اهو چويٿو:- "اَءِ فرشتا! مون ڪيترا اُپواس رکيا، تيرٿن تي ويس ۽ ڪيترا اِشنان ڪيم. مونکي اندر اچڻ ڏي."
۽ فرشتو چويٿو:- "ترس! اِهي ڪم تہ تو ڪيا، پر ڏسان تہ تنهنجي من جي پاونا ڪهڙي هئي؟"
اَن ڪانپوءِ هڪ اُهو ماڻهو اَچي بيهي ٿو جو هڪ مسافرخاني جو مالڪ هو. اُهو چوي ٿو:- "اَءِ فرشتا! مون پنهنجو مسافرخانو سين لاءِ کولي ڇڏيو تہ پل غريب اچن، اَچي ڪجھ نہ ڪجھ کائين ۽ وشرام پائين."
فرشتو چويٿو :- "پيارا ڀاءُ! قبول! تون قبول!" بهشت جا دروازا کلن ٿا ۽ ڪيس اَندر وڃڻ ملي ٿو، ڇو تہ هن پياري جي دل اندر هئي ديا!
سوال :- پيار جو گڻ ڇا آهي؟
جواب :- پيار ئي آهي جو جيون ۾ ڦيرو آڻي ٿو. پيار ڪا اکرن جي ڳالھ ڪانهي. پيار آهي شڪتي، جيون شڪتي. سڇي شش ڪي ڪپي تہ سين ڪي پيار ڏئي، - چورن ڪي پيار ڏئي: ڇو؟ ڇو تہ جي تون ڏکار ڏيندين تہ توکي ڏکار موٽي ملندو: پر جي تون ٻين کي پيار ڏيندين تہ توکي پيار موٽي ملندو. جيڪو توکي گاريون ڏي تنهن کي بہ تون ڏي پيار. هڪ سنڌ جي شاعر چيو آهي:-
"پيار جيهو اِسرار نہ ڪاٿي ڏٺوسين."
ڪيڏو نہ پيار هو شري ايشا جي اکين ۾ جنهن وقت شري ايشا کي سوليءَ تي چاڙهيائون. ۽ ايشا چيو:- "پريو! ڏي هنن کي معافي ڇو تہ کين خبر ڪانهي تہ هوُ ڇا ٿا ڪن؟" ڪيڏو نہ پيار هو ساڪريٽس کي، جنهن وقت زهر جو پيالو پيئي ٿو. اُن وقت جيڪي سندس چوڌاري بيٺا هئا، تن جي اکين ۾ ڪيڏي نہ پيار سان نهاري ٿو!
جنهن جي جيون ۾ پيار جي جوت جاڳي ٿي، اُنجي جيون نئين ٿي پوي ٿي. اُهو پنهنجي اندر پسي ٿو اِسرار، عجيبن جو اسرار! اُهو وڃي پهچي ٿو ستگر جي دربار، جا آهي عشق

ڪئن تيار ڪجي؟

جواب :- موت ڪان پوءِ پروڙ پوي ٿي تہ (١) ويچار ڪيڏي نہ شڪتي آهہ! شڀ ويچار چرتر بنائين ٿا تنهنڪري شڀ پوتر ويچارن ۾ روز رهندا. (٢) روحاني قسمت ڪلي ٿي پيار ۾. تنهنڪري پنهنجي زندگي پوتر پيار ۾ بڌو! پوءِ پاٺيهي پريوءِ جا پيارا، فرشتا، هِت ۽ هُت (موت ڪان پوءِ) اوهان جي رکيا ڪندا ۽ ڪِنن روحن جيَ اَثر ڪان بچائيندا ۽ سچ جي راهہ ۾ ڇڪيندا.

جيون جي پاڙ آهہ شڀ ويچار ؛
۽ ڦول سندر آهہ نرمل پيار !

سوال :- روحاني دنيا جو ويچار ڪندي مون کي ڪيترا دفعا اَچي ڏڪٽي پوي، اَت ڏاڍي اَڪيلائي هوندي!

جواب :- نہ! اَت ٽوليون آهن جي پراٽين کي ونڻ اَچن ٿيون. هڪ هڪ پراٽيءَ جو ناتو ڪُنهن نہ ڪنهن ٽوليءَ سان سندس ويچار موجب ٿئي ٿو. تنهن ڪان سواءِ پريوءَ جي فرشتن جون ٽوليون بہ آهن. بيشڪ روحاني دنيا ۾ ڪنا روح بہ آهن، پر تن ڪان بچائڻ لاءِ پريوءَ جي فرشتن جون رحم ٽوليون آهن. اهي پنهنجي روشني ۽ سهائتا موڪلين ٿيون. روحاني دنيا ۾ پريوءَ جا پيارا روز ڪيل ٿا ڪن، ۽ سکيا ڏين ٿا ۽ پراٽين کي مٿين پدن [Spheres] منزلن ۾ پهچائڻ لاءِ تيار ڪن ٿا. اَت روحاني دنيا ۾ آهہ روشني ؛ سندر روشني ٿي چمڪي جئن تارن جي جوت {Starlike light}. اَت گوبند جا گيت ڪيڏي نہ قرب ۾ ٿا ڳائين! اَت رحم جا راڳ آهن. فقط جي اَسين اها ڳالهہ سمجهون ۽ ياد رکون، تہ ڪيترو نہ رودن، جو موت ڪري ٿئي ٿو، سو بند ٿي وڃي! ڪيترن گهرن ۾ نہ موت جي ڪري دپ ۽

(۱۲)

موت ڇا آهي؟

سوال :- موت ڇا آهي؟

جواب :- هڪ ڪوٺيءَ مان ٻئي ۾ وڃڻ، يا هڪ ملڪ مان ٻئي ۾ رهڻ.

سوال :- موت کان پوءِ ڪهڙي ملڪ ۾ ٿا وڃون؟

جواب :- اُن ملڪ کي اَسانجي شاسترن ۾ ڪوٺين ٿا "پتر لوڪ."

سوال :- موت کان پوءِ پراڻين جي حالت ڪهڙي آهہ؟

جواب :- هڪ هڪ جي حالت سندس رهڻيءَ موجب آهہ. ڪيترا ويچارا تہ اوندهہ ۾ پيا ڀٽڪن. اُن جو سبب سندن سوارٿ، جڏهن هن جنم ۾ هئا. سوارٿ، خودمطلبيءَ وارا پاڻ کي ڏسن ٿا تہ ننڍڙين سوڙهين ڪوٺڙين ۾ آهيون، جڻ قيدي. جنهن وقت ڪين ڪا روشني پهچي ٿي، اُن وقت سندن جيون ۾ اُميد ٿي اَچي. اها روشني ڪين پريوءَ جي فرشتن کان ملي ٿي ۽ سندن پيارن وٽان، جي هت پرٿويءَ تي آهن ۽ اُنهن پراڻين لاءِ پيار ۽ پرارٿنا موڪلين ٿا. تنهنڪري اَسان جو فرض آهہ تہ اَسين روز پنهنجن پيارن لاءِ پرارٿنا ڪريون ۽ ڪين پيار موڪليون ۽ ڪين ياد ڪري پڪين ۽ پسن کي کارايون پيئاريون ۽ ڪجهہ نہ ڪجهہ غريبن ۽ دکين لاءِ دان ۾ ڏيون.

سوال :- پاڻ کي موت کان پوءِ سٺي روحاني زندگيءَ لاءِ

DECLARATION UNDER PRESS ACT
FORM IV
SANT MALA

1.	Place of Publication	Poona
2.	Periodicity of its Publication	Monthly
3.	Printer's Name	Shri Haresh G. Dodeja
	Nationality	Indian
	Address	Noble Enterprises 686 Budhwar Peth, Pune 2
4.	Publisher's Name	Shri Gangaram Sanjandas
	Nationality	Indian
	Address	10, Sadhu Vaswani Path, Poona 1.
5.	Editor's Name	A.M. Vaswani
	Nationality	Indian
	Address	10, Sadhu Vaswani Path, Poona 1.
6.	Names and Addresses of individuals holding more than one percent of capital :	A.M. Vaswani 10, Sadhu Vaswani Path, Poona - 411 001.

I, A. M. Vaswani hereby declare that the particulars given above for the year ending 31-12-89 are true to the best of my knowledge and belief.

Dated : 28th Feb. 1990

Sd. A.M. Vaswani
Signature of Editor

Printed by Shri Haresh G. Dodeja at Noble Enterprises, Shivganga Chambers, Budhwar Peth, Poona-2. (Phone : 434494).
and Published by Shri Gangaram Sajandas,
Mira Nagar, 10, Sadhu Vaswani path, Poona - 411 001.
Editor : A.M. Vaswani (Phone : 665073 & 664174)

رئڻ آهي!

اَءِ لوڪو! دپ نہ ڪريو!
رحم روحاني، دل ۾ ڌريو!
ڪيئن ڏنگيندو هيءُ ڪال،
جڏهن فرشتا پاڻ آهن رکپال؟
پيارن لاءِ اوهين چو تا رُئو،
رحم جو پاڻي روز پئو!
روز پيارا ڪريو ياد؛
رحم ڪندو تن کي آباد!
تن لاءِ روز آسيس گهرو،
تن لاءِ روز شري گيتا پڙهو!
رئڻ ڇڏيو، نوري نماڻي!
اُت درشن آهي رحم روحاني!

مون پڇيو: مرشد چيو

مرشد کان مون پڇيو- ڪڙو سونو ڇپائين چو؟
مشڪي مرشد مون چيو- نہ روپ ڄاتو آهہ تو!
مون پڇيو- ڪيئن پڇاڻان مان پنهنجو روپ؟
مرشد چيو- اشنان ڪر منجھ جوتي انوپ!
مون پڇيو- ڪيئن ڪريان سو اشنان؟
مرشد چيو- سڪ وچي تہ تون ڏيان!
مون پڇيو- سو ڏيان سائين! ڪيئن سڪان!
مرشد چيو- تنهنجي جان جيڪر اڪر اڪ لڪان!
مون پڇيو- سوئي سائين! ترت لڪ!
مرشد چيو- پرڪول ڀرين هڪڙو پڪ!
مون پڇيو- سو پڪ ڪهڙو؟ سائين سڻاء!
مرشد چيو- وچي پيار جو منتر تون ڳاء!
مون پڇيو- ان پيار جي ڪهڙي نشاني؟
مرشد چيو- ٻڌ سڀ ٻولي، نوري نماڻي!